ذات ءِ حیات

نارایں شیام

ذات ۽ حيات

ذات ۽ حيات

(شاعري)

نارايڻ شيام

نيو فيلڊس پبليڪيشنس
ٽنڊو ولي محمد، حيدرآباد سنڌ.
1997ع

نيو فيلڊس پبليڪيشنس جو ڪتاب نمبر ٻہ سؤ يارنهن

ڇپائيندڙ	نيو فيلڊس پبليڪيشنس ٽنڊو ولي محمد، حيدرآباد سنڌ.
ڇپيندڙ	القادر پرنٽنگ پريس ڪراچي.
پهريون ايڊيشن	1988ع
ٻيو ايڊيشن	ڊسمبر 1997ع
قيمت	-/100 رپيا

DAT AIN HAYAT (Collection of Ghazals) By Narayan Shyam. Published by New Fields Publications, Tando Wali Mohammad, Hyderabad Sindh. Pakistan. First Edition 1988. Second Edition December 1997. Price Per Copy Rs. 100/-
Book No. 211

هن ڪتاب جو پهريون ايڊيشن 1988ع ۾ اجنتا پبليڪيشن طرفان اجمير مان شايع ٿيو.

هن سفر ۾

منزل پاڳن ساڻ ملي ٿي
مشڪل ملندو آهي رستو!

رهبر ۽ رهنما : پتاجن شري گوڪلداس ناگواڻي سدا حيات
شري پرسرام 'ضيا' سدا حيات
حاجي محمود 'خادم' لاڙڪاڻائي سدا حيات
ڊاڪٽر هرومل سدا رنگاڻي 'خادم'

فيض پريون صحبتون: مولوي محمد عاقل 'عاقل' سدا حيات
پروفيسر ليکراج 'عزيز' سدا حيات
شري جڳت آڏواڻي

سُرهو سات : شري هري درياڻي 'دلگير'
شيخ عبدالرزاق 'راز' سدا حيات
شري سُگن آهوجا سدا حيات
شرخ مبارڪ 'اياز'
شري گووردڻ محبوباڻي 'ڀارتي'
شري پريو چڳاڻي 'وفا'
شري ارجن تنواڻي 'حاسد'

پهتاسين کهڙي ماڳ وڃي ڇا ڀچي ڪندين
هان، ڏس ته هن سفر ۾ لنگهياسين ڪٿان ڪٿان!

نارايڻ شيام

انهن جي نالي

جن رهنمائي ۽ رهبري ڪئي،
جن جون فيض پريون صحبتون نصيب ٿيم،
جن سُرهو ساٿ ڏنو،
پڻ جن ڪان متاثر ٿيس

شيام

غزل

غزل نمبر	دَور
۱ - ۴۰	۱۹۴۰ - ۱۹۵۵
۴۱ - ۱۲۵	۱۹۵۶ - ۱۹۶۹
۱۲۶ - ۱۹۳	۱۹۷۰ - ۱۹۷۲
۱۹۴ - ۲۴۵	۱۹۷۳ - ۱۹۸۲
۲۴۶ - ۳۱۵	۱۹۸۳ - ۱۹۸۷

مهاڳ

شيام اسان جو پيارو ۽ قرب وارو شاعر آهي. هن هر قسم جو شعر چيو آهي ۽ اُن کي نرالي رنگ ۽ ڍنگ سان پيش ڪيو آهي. سندس ڪلام اٽڪل هڪ هزار صفحا ٿيندو، جو هن چئن ڪتابن ۾ ڇپائڻ جو ويچار ڪيو آهي: (١) غزل، (٢) نظم ۽ (٣) رباعيون، قطعا، ترائيل، هائيڪو، دوها سورٺا، وغيره.

غزل وارو ڀاڱو اوهان جي هٿن ۾ آهي. احساس جي شاعري آهي، شبد چتر (Imagism) اُن جي جان آهي. شعر پڙهڻ سان اکين آڏو هڪ تصوير اڀري اچي ٿي ۽ پنهنجو مفهوم محسوس ڪرائي ٿي:

دڳ، ڏسي گهر وٽ نه ڀڄائي ويو
هيءُ نه ٿيو ڪانئس ڪٺي نالو پڇان!

ڏسي مون کي دليا ڪُڇو ڪين، ليڪن
ستارن ڀڳيءَ اک، گلن مسڪرايو!

ڪالهه انڪار ڪيئه نيڻ جهڪائي
اڄ تو انڪار ڪري نيڻ جهڪايا!

اشتقاق جي لحاظ کان غزل عشق جي جذبي سان وابسته آهي. جوانيءَ ۾ پير رکندي ئي شيام جي حسّاس ۽ حسن پرست طبيعت کي پنهنجي جيون ساٿيءَ ۾ عشق

جو مرڪز ملي ويو جنهن ڪارڻ سندس شاعري جنسي آلودگيءَ کان بچي ويئي:

روڪيو ڪُنڊَ جي راهه کان تنهنجي نگاهه ٿي
منهنجو وڌيو نه پير ڪڏهن ٻي ڪجي ڪچي!

جتي جتي ڏٺم اکيون کڻي نرمل ٿي من ٿيم
تنهنجي نظر ۾ هوس کي گنگا جي ڌار ۾!

غزلگو شيام وٽ محبوب جي خيالي تصوير نه آهي. سندس شعرن مان هڪ جيئري جاڳندي انسان جو هڪ حسين ريکا چٽر ٺاهي سگهجي ٿو:

غم، غصو، لڄ، موهه ۽ ماڻو
نيڻ پنل، سڀ ڀاو رسيلا!

محبوب جو ساٿ هجي زندگيءَ جو بار هلڪو ڪري، کيس مشڪل کي منهن ڏيڻ لاءِ ساهس ڏياري ٿو:

اگر زندگيءَ جي شڪايت ڪيم ڪا
پرين، اکين ملائي تو چاليءَ لڳايو!

بس چپن ۾ مرڪڻ پئي مون ڏي جتي نهاريئه پئي
زندگيءَ جا مونجهارا ماٺ ۾ تو سلجهايا!

مٺي مرڪ سان هانءُ هلڪو ڪرڻ ۽ چاليءَ لڳائي دل ۾ ساهس ڀرڻ توضيح لاءِ نه، پر محسوس ڪرڻ ڪاڻ آهن. هو پنهنجي پريتم جي ستم يا تغافل جي ڪڏهن به ڪا شڪايت نه ٿو ڪري جيئن غزل ۾ اڪثر ٿيندي آهي.

شاعر کي سونهن لاءِ پيار آهي. نتيجي ۾ هن جو لهجو نرم، ٻولي مٺي ۽ ذوق شائسته ٿو لڳي. سچ پچ ته

سونهن بي اختيار سندس غزل جي جهروڪن مان ليا پيئي پائي. حال محروم موهه پريءَ سونهن لاءِ شاعر کي ڪيڏو نه قدر ۽ ڪيڏي نه ڪشش آهي:

ڪٿي ٿي تنهنجو رکي سر مون سک ڪيو حاصل
ڪٿي ٿي تنهنجي رکي سر مون ڏک ڪيو هلڪو؟

سڄو وقت ٻو وقت ٿيَس سو نه پر ۾
اچانڪ ڇڪي شيام چاليءَ لڳايم!

شيام جي سچي شاعريءَ جو پس منظر پرڪرتي آهي. پرڪرتيءَ جا نظارا به، آهي آهن جي روزمره شهري زندگيءَ ۾ ڏسندا رهون ٿا- چنڊ، تارا، اُفق، اولڻاهي، چانڊوڪي، گل، ٻوٽا، ٻولر، پکي، وغيره. جمالياتي تخليق جي تهه ۾ آهن جڏهن جون رنگينيون جن جو ڇيد ٿي نه ٿو سگهي. رنگينين جي ڇيد جي ڪوشش ڪندا سين نه رچنا مان انهن جو حسن وڃائي ويهندا سين:

سونهن آهي سدا ڪنواري شيام
ڇا هو مومل کي ميندري سمجهو؟

"ڪنواريون ۽ ڪنور، هل نه پسون ڪاڪ جا" (شاهه)

چوڻ واري ميندري جڏهن مومل کي صرف لاڻن لڌي زال سمجهو تڏهن مومل ۾ مومل ٿي نه رهي.

غزل ٻيو جو ڪجهه آهي سو نه آهي ٿي، پر جڳ جو هڪ طريقو ٻڌ آهي. طرزِ غزل مان شاعر جي طرزِ حيات جو اندازو بخوبي ٿي سگهي ٿو. بقول شاعر:

شيام ڪي شعرن مجهان سمجهي سگهيس
گرچه مون سمجهي نه هن جي شاعري!

فني تخليق بہ هڪ روحاني عمل آهي. فني خواہ روحاني تجربي ۾ انسان جي اڻاهين کي ڇهي ٿو انهن جي اسرار پروڙڻ کان علم ۽ سياڻپ قاصر آهن. پڙهندڙ جڏهن شاعر سان تخيل جي راهه ۾ همقدم ٿيندو تڏهن ئي شعر جو جمالياتي لطف ماڻي سگهندو. هونءَ بہ اهڙو ڪهڙو نئون سچ آهي جو شاعر اظهاري ٿو؟ سڀ ڪجهہ اڳيئي چيل، ڏٺل يا ٻڌل آهي، فقط اظهار جو انداز نئون نرالو آهي. جنهن راهه کان شاعر ان سچ تائين پهتو آهي، سندس پيرو کڻي پڙهندڙ کي اُن سفر جو لطف وٺڻو آهي:

پهتاسون ڪهڙي ماڳ، وڃي ڇا ڪندين پڇي
اهاڻ ڏسُ تہ هن سفر ۾ لنگهياسين ڪٿان ڪٿان!

ڏٺل مان اڻ ڏٺل جو آڀاس ڪرائڻ جماليت جو ئي جادو آهي:

جڏهن ٿي ٻتيءَ جي سُڃ ڪٽي آف، شيام، مون
ڪمري ۾ فرش تان ونئي اڻن ڪسڪي روشني!

سڃ آف ٿيندي ئي روشني ڪن ۾ 'ڪسڪي' چارديواريءَ کي لاحد-اولاده سان هڪ ڪري ڇڏي ٿي.

هيڪلائي ۽ چاندني، چپ چاپ
ڪجهہ نہ پڇي ڪائنات ويچاريو!

پڙهي ائين پيو لڳي گويا سوچ ۾ ٻڏل اَسيم ڪائنات جي سامهون بيٺا آهيون.

شاعر جيڪي اسانجي نظرن کان لڪايو آهي اُن کي ڳولي لهڻ ئي تہ شعر جي حسن جي حاصلات آهي:

اَڌ ڍڪيلُ تن هوس گرميءَ جي ڪري
رتوڻي وينيَ ڇو ڏسي ٻهراڻ کي؟

وڃاري عورت جو جسم گرميءَ سبب اڌ ڍڪيل هئو يا قاتل ٻهراڻ جي ڪري؟

هوءَ وهائو، رات راڻي، چندرما
ڇنا ٿيو سڃاڻڻ ڪني، چالاڻ کي ؟

اسر جي رات راڻي گلن جي خوشبوءِ ٻڌ ٿي ويندي آهي ۽ چنڊ ڦڪو پئجي ويندو آهي. وهاڻو تارو (Morning Star) لڪائيندي رات جي رومانس ختم.

شيام پنهنجين تشبيهن ڪان مشهور آهي. سندس تشبيهون شعر جي سونهن لاءِ نه آهن ۽ هو انهن جي ذريعي ٻه دل جي تارن کي ڇهي جهنڪار جي سوکيم لهرن جو آڀاس ڪرائي ٿو:

سندس گفتگو جڻ پراهون پڙاڏو
نگاهون اٿين، چاڻ ڀاڪر ۾ آئي!

هوءَ پلڪن جو گهونگهٽ اڌ ورو کليل
ڪنواريون ٿيون اڄ ڪنواريون اکيون!

ٻوٽين ايمت ۾ تشبيهه سان گڏ ڪنواريون (ڪنوار / ڪنواريءَ جو عدد جمع) لفظ ٻن معنائن ۾ ڪتب آيل آهي.

اٿين ناهي ته شيام فقط سونهن ۽ سڪ بابت ئي لکيو آهي. هڪ حساس شاعر پنهنجي يگ کان، پنهنجي ماحول کان پاڻ کي الڳ ڪري نه ٿو سگهي. يا زندگي ۽ موت

لئي ڪڏهن سوچيو نہ هجيس، انهن ۾ ممڪن نہ آهي.
هيٺ ڏنل ڪجهہ بيتن مان انهيءَ حقيقت جي تصديق ٿيندي :

ڪو ڪريل يا ڪونئي ڪيرائيل اٿي ٿيندو ڪڙو
ڪو ٻيو ٻڌجي ڪٿان سگهندو بغاوت جو سبب؟

هي ٻرندڙ لفظ شيام انهن آسپاس جي
جُڙندي نفيس نظم انهن مان نہ ڪا ڪڏهن؟

(عوام لاءِ ٻرندڙ لفظ جو استعارو ۽ نظم جي ٻنهي معنا غور طلب آهن)

ياد لڙڪن جو ڪري هڪ هڪ ڦڙو
ڪڻن وساريان شيام ٽهڪن جو شمار؟

مرده ماڻهن جو هي ملڪ جتي ٻئي جا پُتلا
موت جي گهرائيءَ سان جڙن لئي هٿن مشڪن بيٺا!

ڪير ٻڌندو ضمير جو آواز
رڙ هي لوڻن مٿان رڙي پيو ٻار!

هڏيون ٻہ بہ خطري جو چتاءُ
هوڏي سخت ڪتي جي ذات!

(خطري جو چتاءُ ٻہ هڏيون ۽ جنگ چاهيندڙن لاءِ ڪتي جي ذات).

روشنيءَ لاءِ چِتا جي آگ
چمڪيو بيت ٻرڻ جو ٻاڳ!
(ٻالڪ ڪندڙن لاءِ نفرت)

ڏيهن ڏٺي سج جي لالي ۾ رستن جي ٻر ڪان
ٻاڇا لڙن وڻن جي هيٺان اهڙي لڳي هوا!

ڪيو محفوظ قانون ڪيو مجبور قانون
بنا قانون ٽوڙڻ جي وڌڻ لاءِ واهه ئي ڪهڙي؟

جتي ڪان تنگ ٿي ڪلهه، ڪوهه ۾ ڪنهن ٻاڻ ڪي اڇليو
ڏري پيو لاش اڄ، پر آتما هن جي ٻڏي ويئي!

خبر ناهي نه هي سنسار سچو آهه يا سپنا
اهيءَ کي ٿي ڏسان جاڳي، اهيءَ کي ٿي ڏسي جاڳان!

آدميءَ ٻار ٻو ڏيو جڏهن ڏينهن ڪان
ٿي ميسّر روشني امڪان جي!

نه جي ٻهڻن تان هلندي ٿابڙيا هئا
ڪِريا چالنت تان گهر ۾ جتن گهڙيا هئا!

نهاريو نه مون ڪنهن کي ٿي چانگڻ لاءِ چمن ۾
مگر رنگ گلن جو ڏسي مون همت نه وڌايو!

زندگيءَ کي نه زندگيءَ وانگر
موت جي ٻاني همت جي سگهندين!

سنڌ، سنڌو ۽ سنڌي دوستن جي سار وطين جا ايمت
پڻ سبدس غزلن ۾ هتي هتي پکڙيا پيا آهن:

الائي ڪهڙيءَ شيام ان مان اڪتاسين
وطن ورڻ نه چا سرحد ڏسڻ اصيب نه ٿي!

آلا، هي صاف آهي، اڌ رات جي خاموش چالبوڪي
جو نوشهري ۾ ڏسندو هوس، هيءَ ٿي چندرما آهي؟

گنگا، جمنا ۽ امرت
ليڪن اُڃ نه سنڌو آهي!
الا، اِئين نه ٿئي جو ڪتابن ۾ پڙهجي
"نه هئي سنڌ ۽ سنڌ وارن جي ٻولي!

وطن ڇڏڻ وقت اُن تي سمجهه ڪندو ۽ پاڻي کي ياد ليڪن اياز، احسان، راز ٻارا کي قرب وارا اچا نه آهن!
درد جي گهرائي ماپڻ لاءِ اڃا نه ڪو پيمانو ڪونهي.

جئن هر بيت هڪ مڪمل اِڪائي هوندي به ڪنهن غزل جو هڪ جزو آهي تئن سمورو شعر پاڻ ۾ پورو (Complete) هوندي به ڪنهن "سڄي" جو هڪ حصو ٿيو پاسجي.

هن مجموعي ۾ شيام پارسي وزن خواه ڏيسي ڇندن جو چڱو استعمال ڪيو آهي - لڳ ڀڳ چاليهه وزن ۽ سورٺهن ڇند. انهن کان سواءِ آهن رباعيءَ جي مخصوص وزنن تي ڪي غزل. جهڙوڪ-

شاعر آهي شيام چيائون ڪنهن ڏينهن
مرڪي تنهن تي ڪنهن ورجايو هئو: "ڪير؟"

وارو غزل.

هر فنڪار ڏٻري ڏيري زندگي ۽ فن بابت پنهنجو هڪ اظهار جوڙيندو رهي ٿو جنهن جي هُو پاڻ نه وضاحت نه ڪري يا نه ڪري سگهي، پر سندس رچنائن مان ان جو آڀاس ضرور ٿئي ٿو. پڙهندڙ پاڻ پڙهي ان جو اندازو لڳائين.

سنڌارنگا ڏي "خادم"
٨-٣-١٩٨٨

١

مُنهنجي دنيا کي سنئين راهه لڳائڻ وارا،
عمر خضريءَ جو ٿيا قدر گهٽائڻ وارا.

جن جو هر لفظ زماني کي ڪري زير و زبر
مُهر پر لب سي ٿيا صبر ڪمائڻ وارا.

ياد آيو سندءِ احسان تجليءَ وارو
هوش آيو اٿم اي هوش ڀُلائڻ وارا!

مان نه تو ڏانهن نه دل ڏانهن نهاري ٿو سگهان
جلوه گاهه ناز جو هن دل کي بڻائڻ وارا!

ڏس، ڇڏائي نه وڃي صبر جو دامن مون کان
اي هٿن منهنجي مان دامن کي ڇڏائڻ وارا!

باهه پيي شيام جلائي نه سگهي ٿي ڪن کي
پر هتي بي شرر آهن کي جلائڻ وارا.

٢

تصوّر ۾ مون جي ڏنا روپ ڪيهڙا
ڏسين ها، تون خود هرڪ هاري وهين ها!

اکين جي اڳيان آهہ اهڙو نظارو
نگاهن کان روپوش ٿي ساري دنيا!

خدا لڳي، صبا ڪر نہ ڪا ڇيڙ ساڻن
ڪُلين اڪ نہ غنچا پريشان ٿيندا!

نگاهون نگاهون ٿي چيندڙ نگاهون،
ھتي حسن لءِ صرف ڪنهن جي سيجا!

رهن اڻ ٽڙيل شال غنچا اِئين ئي
ٽڙڻ سان ڪندا پنهنجي گلشن کي رسوا!

ٻڌي حسن جيڪي سمايو اکين ۾
رهيو شيار دل ۾ ٿي دل جي تمنّا!

٣

ٽالي ٻڌڻ سان دل اُٿين ٽڙقي سگهي نه ها
وسريل هجين ها اکين اُٿين ڇاڪي سگهي نه ها!

ٽارن سان تنهنجو ذڪر ڪيان ها نه جيڪڏهن
گذري نه رات ها ۽ سحر ٿي سگهي نه ها؟

ٻوڙها ڪي دردوند دلين جا هتي ڳڙيا
هيءَ خاڪ ايترو نه ته چمڪي سگهي نه ها!

گلشن مهجهان ڪٿي به نه هت ۾ ڪنهن به گل
جهولي ڀرڻ گهرڻ ها نه ڀرجي سگهي نه ها؟

سنڌوءَ جي هائو مان اُٿي سنڌو ڪٿي هاي
اُڀري نه ها هي لهر اُٿين ٿي سگهي نه ها!

۴

ڦوهه جواني چنچل ڏارا
روڪي سگهندا ڪئن ٻه ڪنارا؟

آخر ڪيئن اڏول رهي دل
وار لڏن هئن ڪارا ڪارا!

تازي گل ۽ ماڪ جي ترمي
سواس هي ڪنهنجا سُرها سارا؟

ڪارا نيڻ ٻه ڏاک جا داڻا
مد جا خواب لهن متوارا!

نرمل نيڻ ته نڙڪ به نرمل،
پياري سار ۽ سور به پيارا!

آهي ڪوئي سور وندي جو
آيا آهن سورن وارا!

سيني ۾ اٿن لڪهنجون سڌيارون
اکين ۾ جئن اي شيام ستارا!

٥

زندگي تي، زندگيءَ جي لاءِ محبت جو سبب
ذهن پنهنجو، پنهنجي دل، همت پنهنجو برڪت جو سبب!

ڪو ڪريل يا ڪوئي ڪيرايل آئي ٿيندو ڪڙو،
ڪو ٻيو ٻڌجي ڪٿان سگهندو بغاوت جو سبب؟

هرڪو گڏ وينو اچي جيسين نه ديوارون هيون
چار ديواري بڻي محدود صحبت جو سبب!

هڪ جي مظلومي ڏسي ڪنهڪاءَ آيو ٻيو ڪيترو
پر ٻڌيو ڇاڪاڻ سو ڪنهن ٻئي کان نفرت جو سبب؟

ليڪ مون ڪولي رکيا سنسار جي جنسار لاءِ
ذهن لاءِ هر ديد ٻڌجي پيئي عبرت جو سبب!

شيام جوڙيان شعر گل جي سونهن ۽ سرهاڻ جا
ڇو نه تنهن کان ٿي پوان خود ان نزاڪت جو سبب؟

٦

هيڏو روشن هجر جي رات
ڪير ڏسيندو راز جي ٻات!

ڪوئل ڪاري ڪارا نيڻ
نگهه نگهه چڻ مئڙي لات!

آهي عشق اها شطرنج
جنهن ۾ جيت نه آهي مات!

ناحق موت ٿيو بدنام
سچ پچ ڪنهن ماريو نه حيات!

وڻ لڏي اولڏهه ڏني ٿي ساک،
ٿيندي ڄاڻ اجهو پرڀات!

آس جهاڪ اِئن ڏيکاري
ڪوئي ٻار ڪري جئن هاٿ!

جيون منهنجو، منهنجو ساز
منهنجا گيت هي ڏينهن ۽ رات!

ڪيڏا ڪئن نه لڳن اي شيام
آهه گلاب جو ڦول حيات!

٧

صبر خاموشي ڪريان ڪئن اختيار
ڄاڻن ٽيڪ ڏني ٿي ڪٿي دل بيقرار!

ٻون ڏٺو جن جو نه چهرو هو ڪڏهن
تن جو سوچيندي اکيون ٿيون اشڪبار!

چاهي، دشمن ٿي مصيبت ۾ نه آهه
پر مڃي دل جو الوڪو اعتبار!

چاڙ ۾ گل جي رهان باقي گهڙيون
گهاءُ جو دل ۾ چڙي ويو آهه خار!

ياد لڙڪن جو ڪري هڪ هڪ ڦڙو
ڪئن وساريان شيام ٽهڪن جو شمار؟

٨

هميشه بخت جي در تي اميدوار ٿو ڏس
سواءِ قول ۽ اقرار انتظار به ڏس!

پرينءَ بلوري پيالي ۾ باده، اي ساقي؟
پيالو پنهنجو ٿو ڏس ۽ لبِ نگار ٿو ڏس!

اُٿي، مٿو ته مٿي کڻ، ڪرڻ اهڙا پيو
قدم صنم جا ٿو ڏس پنهنجي سر جو بار ٿو ڏس!

گلن ۾ جيڪي ڏُٺا هاڻ ٿي هيا هلڪا
ڏسڻ ٿو بار ٿيا، جڳ جو قيد قار ٿو ڏس!

الهيءَ ڪاڻ اڄ جو لڳائين ٿري جو اندازو
جواهرن جڙي هر لهر جي ڪنار ٿو ڏس!

٩

رهي پتنگ جلائڻ جي شمع کي ٿي هَوَس
نه ڪي ٻه دل ۾ اُنس، سڀ زبان تي ٿي اُنس!

پلي هما جو سَپُر ٻُر ۽ مک جو پُر اُبرو
مگر ٻنهي کي رهي ٿي مٿي اُڏڻ جي هَوَس!

سنوارِ زندگي پنهنجي گهڻيءَ جو گهٽ نه ٻڻاءِ
مرڻ جي واسطي آئا، مرڻ نه پنهنجي وس!

اُڏامندي نه پکي ڪوئي جار ۾ ڦاٿو
سميٽي پر ڪٿي ويٺو ڪڏهن ٿي پيد پَس!

نه چنڊ گود ۾ آيو نه ڪو ستارو، مگر
ٻنهي زمين جي ممتا کي پيلايو اوس!

گلن پٽيندي چيمر خار، هن کي کهل پئي
ڪنيائين سيلهه ۽ ڪوني پڇائين: هاڻ ته بس؟

هئي نگاهه محبت نگاهه پهرين شيام
نگاهه اِي جا هئي سا هئي نگاهه هَوَس!

١٠

لوڪ جي اکين کان لڪائي تنهنجو نت پوڄن ڪندس
موڙيل تنهنجي مان من مندر ۾ استاپن ڪندس!

تون نه پاڻ ۾ رهئين چپن هيٺ پراڻن بدا،
تنهنجي نوراني نظر سان هانو کي روشن ڪندس!

شام تائين قول تي تون منهنجي لاءِ ڪانڌو رهئين
صبح تائين ماڪ تي مان تنهنجي لاءِ رودن ڪندس!

گيان اهڙو ناهه ڪو "ليلاوتيءَ" ۾ ٻيو لکيل
تنهنجي نورن جو ٻلارا ڪئن ڀلا ورنن ڪندس؟

ڀاڳهي ٻڌي بيانيءَ جي سا ٻولي آهه جي
بس، اکيان دربن رکي ٻنهنجو تي آراڌن ڪندس!

١١

دنيا سان رکڻ ثابت لاڳاپا
وهم لسوڙو آهي لياڳا!

اٿي ڪجهه ڪر، ائين ڪٿي نه ويهه
ڏکن سکن جو هيءُ ڪتراڳا!

آهي ٻهڙ لئي جهوڙو نظام
ٿي رهيو هن يڳ جو ڀاڱا!

اڪثرون چنچڪن ڪارا هاڻ
ننڊ منجهان ٿي راس سجاڳا!

نقش قدم يا روشن ديپ
چال سنديء يا ديپڪ راڳا!

دل جو ڪوليو حال نگاهه
ظاهر جنهن آلاپ مان راڳا!

١٢

رڳ جي فريب ۾ نہ اچي ڇا، ڪيئن ڪمال؟
جي اڄ ھجيئي ھا تہ اڄڻ ھو گھڻو ملال!

دنيا ۾ بي قرار ڪوئي، در بدر ڪوئي،
ھڪ خواب آھ، سڀ ٿي سمجھڻ جو ھتي خيال!

آيو لڏھن نہ موت، اچي ھاڻ ڇا ڪندو،
مشڪل اڳي جيئڻ ھو ۽ ھاڻي مرڻ محال!

سڀ اُپرندي ٿي رات جي اولدہ تہ ختم ٿي،
گھٽ آھ، روشني سو لڳ، آھي الڳ سوال!

ھڪ اڄ ڏئل خوشيءَ جي امانت اتم آھي
ڳوڙھن ۾ منھنجي ڳول نہ لون رنج يا ملال!

آيو ڪٽان، ھر ڪير ۽ ڪيڏانھن شيام ويو
ڪنھن کي ڏسي حيات بڻي منتظر سوال؟

رهان ٿو دور نه ڇاهي الي وسي ٿي دل
ٽيو ملڻ کان نه وڇڙڻ گهڻو گهڻو مشڪل!

ڪٿي نصيب، ٿيان ٻـا ڪمال خوبين ۾
اڃا هي ڏک نه نه خامين ۾ پڻ رهيس ڪامل!

رکي نگاهه ۾ نڪتس مگر ٻڌايان ڇا
وڃائجي وئي وچ راهه ۾ مون کان منزل!

چڙهيو هو اهڙو نڪو طوفان، رخ مٽيو غوراب
نظر نه هاڻ اچي دور ڪاٿين ٿو ساحل!

وڪوڙن وڌيا سين جي ڏن جو ڪرڻ ڇو شيام شمار
اڃا نه آهه اسانجي پڄي پري منزل!

۱۴

اڄ ستل سوُرن کي جاڳائي ڏنم
ڪنهن کي ساري دل کي ٽڙڦائي ڏنم!

پيار ماڻهن سان گهڻو پائي ڏنم
عمر ڀر ماڻهوءَ لءِ واجهائي ڏنم!

جڳ نہ سمجهي ٿو ڪي، جڳ کي ٿو نہ سمجهہ
عشق کي سؤ وار سمجهائي ڏنم!

پنهنجي ڪمزوريءَ لئي لڄ آئيس نہ ڪا
ڪيترو ئي دل کي شرمائي ڏنم!

روشنيءَ سان ٻڪ مليو ڀرجي فقط
همت ڪٺي اڀ ڏانهن ٻاڏائي ڏنم!

ڪنهن طرح ڦاٿي نہ ليٽي زندگي
دام منطق جو نہ ڦهلائي ڏنم!

جاڳڻ کان پوءِ دل نه پوي اضطراب ۾
هن سان مٺاڻ، او ننڊ، ملائيم خواب ۾!

باقي بهار آهه رهيو ڏينهن ڪيترا،
ڏس پنکڙيون اهڙيون نه ڪي آهن گلاب ۾؟

هٿ ۾ کليل ڪتاب ۽ سامهون کليل دري
تنهنجي نظر ۾ ڇا هو ۽ ڇا هو ڪتاب ۾؟

گل ڏاڍهن گهوري مون تي ڏنو گل پٽڻ جو خواب،
يا پاڻ گل تي شيام پٽڻ جي هو خواب ۾؟

١٦

حال دل ڪولي زبان ساڻ ٻڌايان ڪئن مان
ٻڪڙي هڪ ٿي ڪٽي آگ لڳايان ڪئن مان ؟

ڪڏهن جيڏانهن نظر هام جهنم ڏسجي،
ٻوڙ جنت جا هتي ويهي ٻچايان ڪئن مان ؟

جن ڏسي ڪيس، اکيون بعد ڪيون هئن آهن
سڌ ڏئي چو نه سعدن نعد ڦٽايان ڪئن مان ؟

تو ٿئي صبح مگر هي نه اچا خواب ۾،
چشم نرگس کي حقيقت ۾ پسايان ڪئن مان ؟

اڳتي ڏڪ، لاٿو آهيم هزارن کي هلي
راه منزل لي مڙي پير هٽايان ڪئن مان ؟

زندگيءَ جون ڪي گهڙيون ٻاڻ ڳڻيون هاڻ رهيون
تون ٿي چوڻ ڪني نه ڳالهين ۾ وڃايان ڪئن مان ؟

دل نه احساس کان خالي، نه ڪمي گيتن جي
ساز ناساز ٿي ڳايان ۽ نه ڳايان ڪئن مان ؟

١٧

ڪهڙي دنيا ٻُڌيءَ جي ڳالهه ڪريون
اڳهه اکيون، ڪل خوشيءَ جي ڳالهه ڪريون!

موت لئي روئجو بس پر هاڻي
مرڪندڙ زندگيءَ جي ڳالهه ڪريون!

آهه ڪاراڻ ٻي مٺجهس، ليڪن
چنڊ جي چانڊنيءَ جي ڳالهه ڪريون!

ختم اوندهه جون ڪر اهي ڳالهيون
اڄ ته ڪا روشنيءَ جي ڳالهه ڪريون!

گل ڪماڻا ڪڻي ته پوءِ ڇاهي،
وڻهه ٽڙندڙ ڪليءَ جي ڳالهه ڪريون!

بس خوشي، اڄ جي، ٿهڪ ٻڌ اڄ جا
هن گهڙيءَ هن گهڙيءَ جي ڳالهه ڪريون!

١٨

موج طوفاني مٿان، ڪشتي ڪڍايون ٿا اسين
موت سان تاڙي هڻي شرطون ٻڌايون ٿا اسين!

اڳيرو ٿي راهه خود ڏيکاري منزل جو نشان،
وقت جي رفتار سان گڏ وک وڌايون ٿا اسين!

ڇو خزان جو غم ڪندا سي آهه جن ماڻيو بهار
اڄ گلن جي مرڪ ساري مسڪرايون ٿا اسين!

هر تصور کي ڪريون ٿا خوشنما صورت عطا
خواب کي مرڪز نگاهن جو بڻايون ٿا اسين!

ڪالهه جي گيتن واسطي ڪالهه جا ٿي سُر ۽ ساز هئا
"اڄ نوان نغما نون سازن تي ڳايون ٿا اسين!"

هون ته نه پنهنجي دل کي بڻ پنهنجو نه ٿي سمجهو انسان -
شيام اڄ هر دل کي دل پنهنجي ٿي پايون ٿا اسين!

اهي گهريون گهريون ۽ ڪاريون اکيون
سُهڻيءَ راس جهڙن جا نه پياريون اکيون!

ڪڏهن ڏس نه پنهنجن کان پنهنجون گهڻو
ڪڏهن چٽ نه ڏارين کان ڏاريون اکيون!

شرارت نه بس ڪوئي ڪالهه يڪي
لڳي ڪي لڳن تيون لچاريون اکيون!

محبت مٿان وس نه ڪنهنجو هلي
لماٽيون لٽيون ماڻ واريون اکيون!

هوَ پاڪن جو گهونگهٽ اڏورو ڪليل،
ڪنواريون لڳن اڄ ڪنواريون اکيون!

نگاهون نگاهن ۾ رهجي ويون
جهڪي جهٽ ويون مرم ماريون اکيون!

مٺا جواب سي ٿي ڏسن شيام، جن
اکين ۾ پنڙين جون وهاريون اکيون!

٢٠

گلزار ۾ هي گل جون اکيون شبنمي ڏسان!
بلبل چمن کان دور، آلاپ ٽڙندي ڏسان!

ٽڙ جون پٽون ٻري ۽ ٻري سنڌ جون پٽون
اڄ ڀاڳ وند کو شاهه نه، کا ماروئي ڏسان!

مون لکڻ کٿيا سڌا جي ٽين هي کڏون کپا
فرصت ڏئي زمين نه اُپي ڏاڍهن پيي ڏسان!

سپنن جون سنڌ ڙون ۽ کهاڻين جون کاميڙون
سچ پچ کا جاڳندي ۾ جهلڪ حسن جي ڏسان!

ٽوڏاڍهن هتن ٽکيان پيو ناراض ٽين متان
مان ڀاڳ کي ٽو ٽنهنجي اکين ۾ ڏسي ڏسان!

٢١

ٻاڻ تي حال ٻڌائڻ لئه ھٿين آئو اھڙو
خوش ٿئين ھا ٻڌي سمجھو ھيو ڇا تو اھڙو؟

ذڪر تنھنجو جي ٿئي منھنجو ته ڳڻ ٿانءِ ڪٿن
لاھي دل ٿان تي ڇڏيئه تنھنجو نه ٿاتو اھڙو!

اڄ، ڪڏھن ڇاتو ۽ سپنن جي سمھيو ھوس نه مان
ساھه سپنن ۾ آڙيو ليڪھن سڄاتو اھڙو!

خواب ۾ ٻڌ ڪاڻي ڪلھدو نه ڏٺو مون توکي
ڪوني "ٿرلاڄ" تو لقب ڪئن موٽڪي لاتو اھڙو؟

ڦول ڪان سرس ڇٽو، سرس لڪل خوشبو ڪان
اک، ڏٺو توکي ڏٺين دل ته نه ڇاتو اھڙو!

۲۲

جي مڙيا بادل هو ڪارا، ڇا ٿيو؟
پل وهائي برق آرا، ڇا ٿيو؟

نوجواني ۾ نچي طوفان ڪيان
هن طرح ڳولي ڪنارا، ڇا ٿيو!

جي حقيقت کان اکيون ٻوٽي ڏنءِ
خوب خوابن جا نظارا، ڇا ٿيو؟

زندگيءَ ڪي روشنيءَ جي آهه لوءِ
آپ منجهان لاٿءِ جي تارا، ڇا ٿيو؟

جا اُتل ڪاتي ڪري بستيون اجاڙ
نِل هجي گنگا جي ڌارا، ڇا ٿيو؟

وک ڪڍي اوُرا سنڌ ميرا ٿئين
سو ڪري منزل اشارا، ڇا ٿيو؟

ٻن چڙن جي ٽال تي هو ترانو بهار جو
گونجيا ڦڙا ۽ آيو زمانو بهار جو!

هر جا جهنڊ جي شرق جو دلڪش ظهور آهه
هوائن جو شور گانو بجانو بهار جو!

رنگين جذبا دل ۾، اکين ۾ حسين خواب،
مگهٽي جا ڏينهن يانه زمانو بهار جو!

گيندا ڪٿي گلاب ته، مُکرا ڪٿي ٽڙيا
اک، اک جي پهچ ۾ آ خزانو بهار جو!

گهوٽ نگهت هٿايو حسن ٻٽيو عشق بي ٻپو
هڪ ٽي مليو ٻنهي کي ٻهانو بهار جو!

احساس رنگ و بوءِ جون سلامت لطافتون
ناهي فقط بهار زمانو بهار جو!

۲۴

هر قدم اهڙي طرح اڳتي وڌائيندا هلو
نوجوانو، بس وڏن جا وڻ وڄائيندا هلو!

دشمنيءَ سان ڇا اوهان جو دوست هرڪنهن جا بڻو،
جي بڻڻ چاهي ڪوئي دشمن بڻائيندا هلو!

جن نه ٽوڙڻ جو مزو ماڻيو، سُکي تن ۾ رهيون،
تن سُتل لهرن کي ني طوفان بڻائيندا هلو!

هر قدم آهي اوهان جو، جڻ بهارن جو قدم
"ارپڻن ۾ باغ جي رنگت رچائيندا هلو!"

پنهنجي همّت سان بدلائي هنئر جهونو نظام
شيام دنيا ۾ نئين دنيا وسائيندا هلو!

ھُيو پوڙ آيو نہ ساڳاڻو
ٽڙيل گل ھيو ڇا نہ زيباڻو!

سُنهري سنڌارن جون ساکون پرين
سنڀالڻ ڪجڻ ڪم نہ جوکاڻو!

مِٺين سان مُٺيندڙن محبّت گهٽي،
اهو ماڻ پڻ ناهہ ڪاراڻو!

ڪنول جي وٽي اوٽ مرڪي ٿو ڪير
بکي باک بہ ڪهڙو قرباڻو؟

مِٺيءَ جان سڀاجهي لڳي ٿي هوا،
مزو ٿئي اچڻ لون بہ ساڳاڻو!

پرين، جڏهن پروڙيو مون ڳنڀيرو سياءَ
سَرپو جيءَ کي سک بہ سيباڻو!

بي سود بهار آهه، نه جي جام شراب آهه
مطلب نه ڪو جلوي جو، ڏسڻ جو نه جي تاب آهه!

جهولي ٿي صبا مست ٿي بلبل به لنوي لات،
مکڙيءَ نه اچا لاٿو ٿي مُنهن تان نه نقاب آهه!

راليون هي وڇوڙي جون، نه ڏس چنڊ نه گهم باغ،
سڄو، منهنجو چوڻ مڃ نه، نه تو لاءِ خراب آهه!

انجام ڏٺئون گل جو مگر پوءِ به ٽڙن هيئن،
غنچن کي به ڪٿان ڏوهه ڏجي نيٺ شباب آهه!

ڪنڊن ڪان ڇڏائڻ لاءِ چڪيو پنهنجو پلو شيام
پـن پـن ٿي ڇٽي هيٺ ڪريو ڦول گلاب آهه!

بلبل کي بس آهه ٿي اچا انتظار آهه
آيو نه آئي جهڙو چمن ۾ بهار آهه!

زاهد! اتين اُبهرو نه ٿي باغِ عيش ۾
گلزار کان نفيس هتي خارزار آهه!

لوڏي هندورو شاخ جو ٿي باغ ۾ صبا
غنچي ۾ آهه قول ڪِ ننڊڻ ۾ يار آهه؟

ڪوڙن ۾ قيد جسم ۽ پنڪي پنُن ۾ دل،
سک جسم کي نه آهه نه دل کي قرار آهه!

امڪان ۾ آندو عيش ۽ سوُرن وجوُد ۾
دک، سک لئي ٿي اسانجي جنڊجو مدار آهه!

هو ريان هندورو هاڻ جو اي شيام پيو لڏي
جاڳڻ لئي زندگيءَ جي نه ڪو اعتبار آهه!

۲۸

ڀڄان ٿو دور دنيا کان جو چاهيان ٿو نه ٺهائي
اچي جي هٿ اڪيلائي، اڪيلائي وڃي جائي!

وسارڻ جي وڃي وسري ستائي ياد ڇو ايڏو،
وساريم هن کي جڏن جڏن ٿي سندس تڏن تڏن ٿي ياد آئي!

هُيا ننڍڪڙا تارا، هيو سنسار سپني ۾،
اِٿين پاسو ورائي هالت ۾ جاڳي اُداسائي!

هزارين حسن جا جلوا انهن مان پيا ليا پائن،
مگر پل مان ٿي ڪنهن لاڙڪن ڏي هيڪر اک، نه ڦيرائي!

خزان ۾ پڻ بهارن جي نه وئي دل مجهان رنگت،
اٿس لالاڻ لالا زار جي ڇا شام ڇورائي؟

نظارو لاجواب آهي، برابر لاجواب آهي
اکين کي ڇا ڪجي، جن کي ڏسڻ جو ئي نہ تاب آهي؟

خيالي ۾ ڪڏهن ڪنهن کي ڪٿي ويساند حاصل ٿي،
خيالي انقلاب آهي - مسلسل انقلاب آهي!

ڏيو هي ڇا، ڪڏهن، ڇو، ڪٿان، ڪٿي ڪجهہ، غور ڪرڻ لئي،
جو هر ايجاد ڪن مان ڪيهن نہ ڪنهن هڪ جو جواب آهي!

اڃا ناڪڙين لئي تنهنجي رات جي سپنن پري ڇايا،
سنهري صبح پئي جڳ جاڳندي جو ڪوئي خواب آهي!

خوشي ۾ راڄ تنهنجي جي خبر ڪهڙي ٿي ڪنهن کي
نہ مدهن ۾ مرڪ آهي ڪا، نہ اک ۾ شباب آهي!

آرزوءَ کمال ڪير ڪري
ماهِ ڪامل مثال ڪير ڪري؟

زندگي زندگي ٻڌائي فراق،
آرزوءَ وصال ڪير ڪري؟

آهي سڀ خواب جي ٿي رنگيني
پر ٻه اهڙو خيال ڪير ڪري؟

هر ڪو ڏسندي تيرو سراپا ديد
ڪير سوچي خيال ڪير ڪري؟

جي ٿڪا پير انڪري ويٺي
جستجوءِ پائمال ڪير ڪري؟

هن جي دل ڪائين شيام پهتاسين
ڳالهه آهي سوال ڪير ڪري؟

جيڪو آيو اچي سو ويٺو شيام
ويو پاسي ٻه حال ڪير ڪري؟

٣١

ادا شوخ چنچل معطّر بدن جي
وڙاڪا ڏئي سڄڻ ۾ بُو چمن جي!

سندس عضوو عضوو نزاڪت نزاڪت
لڳي ڪايا ڪومل جي، مالا گلن جي!

وڻس رنگ، رس روپ ۽ واس سڀڪي
ڪليءَ جي چپن تي ٽي دولت چمن جي!

چپن تي هُيو ذڪر جنهن جي اکين جو
اکين ۾ هئي پياس تنهن جي چپن جي!

گل افشان هئي شيام مشهور ناهي،
پري ڪيترو ويندي خوشبو گلن جي؟

وعدي جي رات وُيم ٻاءِ پاڪ اندر ڪٽي
عمر ڀر وصل جي اُمّيد ۾ سا وڃڻ ڪٽي!

خالي خالي ٿو لڳي ڏينهن، اڄڙ رات لڳي
منهنجي يار ۾ اچي ويٺو ٿي هنين دليز گهڙي!

چمڪندو ڏسجي چنڊ تي ٿو وهانءُ تارو
هجر جي رات ڪٽي ڪيئن مون جاڳي ٿو ڏٺي!

عشق جي غم جو فقط بار تي ڀاري لاهي
حسن جو لچڪي بدن بار نزاڪت جو ڪٽي!

چاڄي رعنائي، ڏهجي ها ۾ اگر ۾ لڳيدي
گل ٻڌا ماڪ ۾ چا ڪنهن کي ڪڏهن شيام وڻي؟

پاڻ انڪار ڪرين، زور ڀرين پاڻ پٽي
جيڪڏهن چاهين نه ٿي اٿين ڏسين چاڪاڻ پٽي؟

درد ٻيچين ڪئي لوڪ جي لڄ ڪان نه ڪُڇي
دل ۾ ڇا سمجهه ٻري سوڻهن جي ڇڪتاڻ پٽي!

مون نه ٿي سمجهو ته ڪا اهڙي اثر دل توسان
مون ڇيو رَس نه پلي رُس ڪا اثر ڪاڻ پٽي!

بس ملاقات جي ڏينهن جي ته ٿي شام اچي
وقت ڇا ڪي ٿا چون جاڻ اهڙا هاڻ پٽي!

زندگي ٿهڪ نه پر شيام تنولي آهي
اڳي سوچيندو هُيس هاڻ مگر جاڻ پٽي!

٣٤

ٽاريءَ تي گل، گل تي شبنم، شبنم تي چانڊوڪي
جيسين چنڊ سارينڌس پيو رات اها ڪالهڙڪي!

روپا پل ۽ پڙ نديا جي، گولڇيا گيت فضا ۾
سونهن سنيهه جي چا ڻ الوڪي محفل سا رالوڪي!

هيٺ اکيون ۽ پيشانيءَ تي اوُجل اوُجل ٻوُلڊوُن
وڻ جي ڪڙ ڪڙ ٻي جوڀن جي چا چنچلتا روڪي؟

ٽون ته نه آئين پر اڄ ڏنهن جو سپنو به نه آيو، چو،
راهه سندس ڪنهن روڪي ياڪنهن کيس نه سمجهايو ڪي؟

۳۵

ساراهه ڪريان راهزنيءَ جي ڇا عطا جي
خدمت ٿو سر انجام ڏيان راهنما جي!

ڪامل نه گناهن ۾ نه تقوا ۾ مڪمّل
افسوس، ملي پشت نه شيطان نه خدا جي!

اڪ، لڙڪ پئل، ڀنهن تي مگر مرڪ سان آيا
ٽهڪائي گلن لاءِ هٿي شبنم ۽ صبا جي!

آزي نه ڪر اي عيش، مليٺي سو وئي پيءُ
جڏن گل جي ڪٽوري نه ٽٽي جمني گدا جي!

ڇڻڪايو پرينءَ ڇهري تي ڇڄ شيام گلاب آهه
ڏس حسن جي دريا ۾ اُٿي لهر حيا جي!

٣٦

خلوصِ شوق رکي ڪر نہ جستجوءَ گل جي
ڪٽي وڃيٽي نہ گل ٽانئين پاڻ ٻُو گل جي!

خميدگي ڇا تبسّم جي آهہ اُبرن ۾
نگهہ نگهہ مان بخوبي بکي نمو گل جي!

ھجي ها رنگ تصوّر جو پڻ نہ شامل جي
ڪري نہ ها ڪوئي دنيا ۾ آرزو گل جي!

اگرچہ بلبل جي لاءِ بيقرار آهي گل
مگر ڪندو نہ ڪندو بلبل جستجوءَ گل جي!

خوشيءَ مان مُنهن نہ پُٽيائين مگر پُٽيو ٿي رهيو
چمن ۾ ٿي نہ سگهي ڪا بہ گفتگوءَ گل جي!

دل هٿن ملول ڇا لاءِ پيلا پاڻهي پئي
محفل تہ اڳي کان سرس سوا پاڻهي پئي ؟

هر شخص ڏس کٽي پيو کڻي سُست سُست ساهہ
شايد مرڻ بہ دير ذرا پاڻهي پئي!

جهرا ۽ جاڳندا ڪئين مُردا قبرن پيا
دنيا نہ تاهہ سرد چِتا پاڻهي پئي!

انسان جو هي خون وهي پيو اڃا وهي
سُرخيءَ جي لوڙ جڳ کي اڃا پاڻهي پئي!

ڇا زلزلن جا خوف پريا پيا اڄهن ڏڪاءُ
نڪر بہ زندگي سان فدا پاڻهي پئي!

ڪو چنڊ بہ نہ تارو، نہ گهٽ سج جي تاءُ بہ
بدليل زمين جي بہ هوا پاڻهي پئي!

ڪيڏي نہ ٿڌي پوءِ بہ ڪيڏي نہ تند تيز
ڇا چال انقلاب جي ڇا پاڻهي پئي!

ڦرندي تہ لفظ لفظ جي معنا ڦري وئي
ساڳي ٿي ڳالهہ ڳالهہ جدا پاڻهي پئي!

گڏريل جُڳن جي چالڻ پيل آهي اڄ ٿي شيام
هر ڳالهہ چٽڪ ڏند کتا پاڻهي پئي!

آئي چرڪي، ڪاوڙ جي جهٽ مسڪرائي
ڪٿي ڪنهن هيس پيو لي ڪٽڪٽائي!

آڏاٽس ٿي عرشين تو اک جڏن ملائي،
مگر سا گهڙي، تو نظر جڏن جهڪائي!

وڇوڙي ۾ ڀوريءَ نظر جون سنيارون،
ڪڏهن جي ڪٿي ڳالهه اڄ ياد آئي!

انهيءَ آءُ آدر ڪـي ڪٿي پيار سمجهان،
ڪٿي هاڻ ڪاوڙ اچائي سجائي؟

هُيُرَ غـم نه ڪو حال محرم نه ڪولهي،
مگر حسن نهنجي جي هيءَ هيڪلائي!

محبت ڪي جاتو نه عشرت ڪي جاتو،
ڏنو ڪنهن نه اک، هوءَ هٿي ڪٿي لڄائي!

ڪُليو ڪنهنجي چاهت ۾ ڳجهه زندگيءَ جو
سڏيون جنهنڪي پنهنجي سا آهي پرائي!

٣٩

چوڻ کي هئي شمع هڪڙي وساڻي
اُجهاڻي سڄي زندگاني اُجهاڻي!

الا، پيڙ لڙڪن لڪائڻ جي ڪيڏي
جُهري جندڙي ۽ لڇي دل ٿي ساڻي!

اڃا مٺيرو غم جي ڪنڊن جون نوڪون
خوشي ٻڌجي خوشبوُ گهٽو ٿي اُڏاڻي!

مٿي مرڪ ننهڙي رهاڻين جي وچ ۾
سمنڊ سوچ جي سُر جي مون موج ماڻي!

ڪُليو جڏن ڪنول ۽ ڀولر نڪتو اُڏامي
ڦٽي پاڪ، ۽ رالڙي پڻ وڃاڻي!

ٻرق سان ٻنهنجو قدر دوست! ملائين ته مڃانءِ
آسمان تي چڙهي ڏاڪ ڄمائين ته مڃانءِ!

جهونو سج چنڊ ۽ تارن جو نظام آهه فريب
ڏينهن ۽ رات جو ٽون فرق مٽائين ته مڃانءِ!

جن جي گردش کان اصيبن جون وساٽيون شمعون،
ٻنهنجي نيرن ۾ ستارن کي جهڪائين ته مڃانءِ!

ٻيڙي انسان کي انسان هيءَ اوندهه ۾ نه ڏس
ڪنهن طرح شمع مساوات جلائين ته مڃانءِ!

آهه چيني ڪوئي روسي ته ڪوئي امريڪي
آدمي زاد کي انسان بڻائين ته مڃانءِ!

ٻاڙ کان ٻاڙ ڏيکيءَ پردو وجهي ڏاهپ جو
ڪنهن طرح پردي کي وچ مان جي هٽائين ته مڃانءِ!

جنهن کي خود موت ٻڏي مست ٿي جهومي ۽ نچي
زندگيءَ جي سا مـدر راڳڻي ڳائين ته مڃانءِ!

۴۱

اڙيا اڙڪ معنا خوشي نه آهه ڇا،
خوشيءَ کان ڪڏهن اکـ، پئي آهه ڇا؟

نه جي چنڊ اُڀرلو نه ڇا ٿي پيو
ستارن ۾ ڪا روشني آهه ڇا؟

اچا ڪائين دل ۾ نه جاڳي اُميد
اکين پاڪ ڦٽندي ڏٺي آهه ڇا؟

ٻُرن جو ڇو آندلو هولدو نه ڪو،
ڇگن کان ويو وقت. ٿي آهه ڇا؟

مُئل قوم ۾ روح ڦوڪي ڇڏي
مرڻ کنهن جو اٿن، زندگي آهه ڇا؟

ڪِري پَت پوڻ تي ۽، وڻني زمين
اُٿڻ لء سهارو ٻڍي نه آهه ڇا؟

پيريل شهام ڪيڏو نه سر ۾ خمار
تون ٿي ڇو خردي بيخودي آهه ڇا؟

۴۲

رڳو پير ڪڻ، ڪس ۾ چارا گهڻا
نه دل لاهه پانڌيءَ، سهارا گهڻا!

اُجالو اُنڌاري جو دامن ٻري
جتين رات ڪاري ستارا گهڻا!

ٻڏي پَٽ پيا ڪُل ٻيڙا، مگر
نوان ڏس ڪٿا ٿيا مدارا گهڻا!

گهڻن ساڻ گهارين نه ٿورن ۾ آءٌ
اٿي ورنه اي دل، ڪنارا گهڻا!

نظر سُر جهلاٽو نه هڪ ٻئي جي ٿي
جي سُر ۾ اکين جا دوتارا، گهڻا؟

هنئڙو جيڪي چاهين ڇُپي ڏي ڪُلي
ڪيئه شيام مبهم اشارا گهڻا!

اوهانجي دور منزل ۾ اڳيان آهن هلڻ وارا
ملڻ دشوار، تارن جي جهروڪن مان ٽڪڻ وارا!

اندهيرو ٿي نه جڳ ۾ آهي رکوالو اُجالي جو
اڙي او صبح کان ٿي رات جي جهوريءَ جهڙڻ وارا!

سڏين ٿو ڪهڪشان جنهنکي سو رستي جو غبار آهي
ڏسيندا ڏيک وڃن منزل جو منزل ڏي وڌڻ وارا!

زماني کي ڪيو پابند تنهنجيءَ تيز رفتاريءَ
اُفق جان دور ٿي ويندو هجي ويهي رهڻ وارا!

ستارن تي نه پهچيو پاڳ جو پهچي مگر وه واه
اندهيري دام ۾ هئن چمڪندڙ چوڪو رکڻ وارا!

اجل ڏوليندي ٻن کي ڪيئنڪي پاڻي سکيو هرگز
هتا بس زندگيءَ ۾ غرق ٿيو اُن ٿي جئڻ وارا!

ٻاڻ نظرن ڪان لڪائڻ وارا
آءُ نيڻن ۾ سمائڻ وارا!

روح سان راس رچائڻ وارا
آءُ نيڻن کي ٺڪائڻ وارا!

ديد دعوت ۽ خوشي حجّت
نه سڏائي نه سڏائڻ وارا!

تون ٿي ڇو ٿا نه لڪايو مون کان،
دل جو احوال ٻڌائڻ وارا!

صدقي، لِن پريت ورائي ته نهار
ائين او مجبور چوائڻ وارا!

پنهنجي ديواني جواني نه سنڀال
مرڪي مرڪي نه نچائڻ وارا!

ڏينهن ڪيڏا نه ٿيا اڄ وڇڙي
ياد آئين ڇو ڀلائڻ وارا؟

ٻُوَنءَ جا چپ نه ڦٽي پيا آهن
مينهن سمنڊن تي وسائڻ وارا!

روح منهنجو نه الڏيري ۾ رُلي
جوت تارن جي جلائڻ وارا!

ايڏو گهير ٿي ڪٿن تو ڳالو
لوچ لُنءَ لُنءَ ۾ لڳائڻ وارا!

سر ڏئي مان نه ٻڌيس راءِ ڏياچ
ڇا تو ڳالو پتي ڳائڻ وارا؟

ڪجهه وڃائن بہ ٿا پائڻ وارا
ڇا نہ پائن ٿا وڃائڻ وارا؟

ٿي رهيا عشق ۾ موڳا موڳا
رنگ محفل ۾ ڄمائڻ وارا!

ليڌهن کي سُونهن سڃيڪو نہ ٻڌاءِ،
سونهن وٽ ليڌهن پڇائڻ وارا!

سنگدل کي بہ رئاري ويٺين،
روئي احوال ٻڌائڻ وارا!

يار راحت جو بہ ڪو ڪٿندو
قصو سُورن جو سڻائڻ وارا!

ٿابتي ماڪ نہ تر دامن جي
گل تي الزام لڳائڻ وارا!

ٻوٽو ٻاريہ بہ نہ ڪهڙو ٻاريہ
آگ گل سان لڳائڻ وارا!

روئي روئندئين نہ ڏسي ڇا سگهندئين
نُور ليٽن جو گدوائڻ وارا!

اڳيرو پاڻ نہ دنيا ڪان ٿيءُ
اڳتي دنيا کي وڌائڻ وارا!

هر اندارو نہ اندارو ناهي
نُور جي مام ٻُلائڻ وارا!

موت جا ٿي نہ فرشتا ها شيام
دڳ حياتيءَ کي لڳائڻ وارا!

وڃي واريءَ ڪٿا ورڻ وارا
واهه، تارن جي ڳُهر ڪرڻ وارا!

تو ته خاڪ خوشيءَ جو ڪيٽيو هٿو
رنگ غم جا منجهس ڀرڻ وارا!

عمر ساريءَ جي صبر جي عزت
ڪوهي تو "اُف" ڪريُ مرڻ وارا!

تو پيئڻ جون ملامتون نه وڌيون
جام هٿ ۾ ڏئي ڀرڻ وارا!

ويٺي ويتر وڌائي چاهت ڪي
مشڪ لهجي "اوُلهون" ڪرڻ وارا!

چوري چوريءَ ڪٿان اچي لڪٿين
پير اندر لڪي ڌرڻ وارا!

٤٧

سپنا ٻيڙيون راتيون دريا
ساڳيا واري آس ۽ صحرا!

آهٽ ٻُڌندي صبح نہ ٿي ويو
در تي ٺڪ ٺڪ رات نہ ٿي ڪا!

سُور ٻهار سڀن کي ساڳي
پوءِ بہ هرڪو ڌنڌا ڌنڌا!

ڪهڙن طوفانن مان نڪري
ٻيڙا ڪهڙي ڪنڌي ٿين پهتا!

ڪنهن جا ٻيڙا سر تي ٻوڙي
رڻ ۾ ٻوڙن پيا واچوڙا؟

جن کي شيام شڪايت آس جي
ڪهڙي چاڙ اهي رڻ ڏيندا؟

مُردهہ ماڻهن جو هي ملڪ جتي پٿر جا پتلا
موت جي گهرائيءَ سان جڙن لي هٿن مشڪن پيتا!

شهر جي چوڪن لي هي پتلا ڏس، ڪهڙا ٻن هستين جا
جن لي سرٽيون ٻاريهل ڪن ڪٿن لڙونين جي ورڪا!

دل لي ڇا ٿيو؟ ڪير ٻڌائي پنهنجي جيب ڪترائي،
جنهن نه ڪُڇو ڏٺهن پاڳل والگر ٻڙ ٻڙ ٿي نه ڪٿي ڪا!

جسم نه آزاديءَ جو ليڪن روح انس مجبوري
اهڙو جڙو جيءُ ڪندو ڪي، ڪار سنواريندو ڪا؟

ڇا، دريا جي پيشانيءَ جا گهنج هيون هي لهرون،
غيرت وارا ساحل ٽان ٿي جو هٿن موٽيا پياسا؟

ڪنهن لءِ جهالي ٻاءِ اڙي دل، ڪو نه ڪو جلوو پسنديڻءَ
پردي وارا صرف ٻهاني لءِ واجهائن وينا!

جيون شيام پهاڙ آلاڻهون پياري ٻاري پٿر
ڪو بت ساز هجي نه تراشي هاڻ ٽهون دلواڙا!

چاهه اکائڻ جا چنڊ حيلا
مُنهن نہ مٺي ڪَڻ او شرميلا!

غم، غصو، لڄ، موهه ۽ ماڻو،
ليڪڻ پيل، سڀ ڀاو رسيلا!

دلـواڙا ڪ اجنتـا وارا
فنڪارن جا بت پٿريلا!

پٿر پٿر موهڻي مورت،
هادل ٻادل رنگ رسيلا!

ٻاڻ نہ روئي رتاڙ پٽ، چارڻ،
گيت سريلا، سُر درديلا!

نرموهي جڳ ڪي ڇا ڄاڻي
ڦوُل ڇٽي وِيا ڇا نہ سجيلا!

واءُ لڳي تو لهرون پائيون
سَر ۾ ها جي سَمپ زهريلا!

ويهي گندي ناالي تي ڪٿن
شيام تو ڇيڙيا سُر سپنيلا؟

٥٠

دوزخ وهم ۽ بهشت حڪايت
دنيا جهڙي تهڙي حقيقت!

گل سان خار، ڇڪڙ ۾ ڪوڙي
سٺي چاهت، ٻي ٿهه نفرت!

سک دک جي نه هٺڙ ۾ ناهي
سک ۾ ڪنهن به ڪٿي نه قناعت!

پاڻ ۾ موهه نه هوء تڏهن ٻي
آئيني جي ايڏي ضرورت!

ڏڏلي ڏڏلي ڀان پوي ٿسي
ڪنهن جي صورت، ڪنهن جي صحبت!

٥١

مون ڇگي شمعِ فڪر ٻاري رات
ڪامڻدي ڪامڻدي گذاري رات!

شام کان غرق هوس اونده ۾
پٽي جلي شمع سا ٻس ساري رات!

شمع ٻرندي ٿي ٿي ٻهو روشن
رات ڪيڏي هئي انڌاري رات!

نور تارن جو نور آهي ڪو؟
چمڪ ڏاران ٿي راتڻ ڪاري رات!

ڇٽڪون ڇٽڪون بدن سڄاون جا
ڏس جلي ڇار ٿئي ۽ ساري رات!

علم ڪنديءَ ڙانجير حيات
ڏيندي هيءَ تهذيب نجات؟

ٻيڙيون ڪنو ٽيون سهڻيون پوءِ ٻه
گهوڙڻ ڪيت اپاٽي ٻاٽ!

آپ جو سيندو گهاءُ ٿي گهاءُ
ڪيڏي دل جي ڪاري رات!

هڏيون ٻه ٻه خطري جو چتاءُ
هوڏي سخت ڪُتي جي ذات!

ڊپُ، طوطو جڻن ٻڙي بند
سڀ ٻج ۽ چندا، سهيل لاٽ!

هردم، موت لئي هڪ احسان
انٽم يُڪ ۽ شيام حيات!

٥٨

ناهي خواب خيال جا ڪوٽ،
گهاريندين هتن ڪيسين، گهوٽ؟

ڦول چٽي ڪندا نسي رهيا،
سڙ سڙ پوپٽ کهڙي اوٽ؟

لنڍڙي لڪ چپ، وڏڙي لياڳ،
ٽهانيءَ جي اوٽ ۾ موٽ!

سک نه هُتي هو، سَچُّ هتي
لهر ڪپر تان ڪاڌي موٽ!

شيام اچي پنهن نهڪن ۾
غم لي پاڳلپن جي چوٽ!

مٺا ٺار ڀانيا مون ماکيءَ جي ميٺ
۽ چوندين ٽون ٿي قول هئا قول نيٺ!

نهارين ڇو اڀ ڏي اکيون اُٿي کڻي
ڪوئي آس جو ٽرورو ناهه هيٺ؟

هندورو هٽي پوُنءَ انسان لاءِ
رهي ٻار ٿي ڪيسين ڪو ٻار نيٺ؟

ڪندو ڪير پرديس دائم پسند
هجي سرڳ ته به گهر ته گهر آهه نيٺ!

هزارين لڳا شيام ڪنهن سان ماڻي
اڃا ڪانئين آهي نه ٿي ڏيٺ ويٺ!

اينڊن ۾ خوش خواب ٿي آيو هئو ڪير؟
دل ۾ ٻڌجي چاھ سمايو هئو ڪير؟

سپنا سپنا ليڪ ته دل ٻاڦ ٿي ٻاڦ،
ڪچڙي ڪچڙي لنب ٿي ڇانيو هئو ڪير؟

هوري هوري ماڪ ڦٽي ڦٽي ٻُن ۾ لي
چپ چپ ٻوٽين رات جو آيو هئو ڪير؟

ڦڙڪي جهٽ ۾ ڪڍڻ نه وٺي گل ٿي جوس
ڪاوڙجي ان ريت لڳايو هئو ڪير؟

"شاعر آهي شيام"، ڇپاتون لعهن ڏيهن
لعهن تي مرڪي ڪنهن ورجايو هئو، "ڪير؟"

٥٦

ساهه اولڙهه ۾ ٿيو ڪٽڻ دشوار
شمع ٻاري رکو مزار مزار!

سهسين طوفان، سهسين واچوڙا
ڇا نه ڌرتيءَ جي دل ٿي آهه غبار!

ڪير ٻڌندو ضمير جو آواز
رڙهي لوڙن مٿان رڙي پيو ٻار!

ڏين ڪن لاءِ امن جو پيغام
ڪن ڏنو جنگ کي ئي ڏڻ قرار!

اڄ سڙيل لاش، جنگ جو ميدان
راس ڪاري هڏيءَ هڏيءَ ۾ شرار!

مرد و قوڪي، مساڻ مان موٽيا
مُنهن ۾ ماڻهن جي امن جو اظهار!

ڪير هونءَ جوت لاءِ سوچيندو،
ڇا ٿجي ڇا ٿجي اڃا اندڪار!

٥٧

زندگي عين دوست جو ديدار
دوست ڌاران فراق جئن دشوار!

ڪئن رنڱ لاءِ ڪنهن کي ڏوهه ڏجي
ڪڙو دل جي وجود کان انڪار!

نيل آڪاس، زندگي، ڪامڻ،
مفاسي جنهنجو پڻ نه آر نه پار!

سڀ گلن ٿي ڏسڻ جو راز ڏسيو
ٿي ڪايل اکن ڏسي خزان ۽ بهار!

مون ٿي سمجهو ڪنارو، اڪتي لهر
دل جو دريا اڃا اٿين ٿي اپار!

ٻاڪپ، تنهنجي سان ريس ڪا شاعر
زندگي تنهنجو تاج، تنهنجو ٻار!

۵۸

هوندا تارن جو ڪو ٻڌيو همراز
ڇا، وڻن سوز هئو نہ ڪوئي ساز؟

غنچي غنچي جو همزبان ٻڌجي
چُپ ۾ سُرهو ٻڌان پيو آواز!

هر نظر غور سان، تڪيان ويٺو
آنءُ ڄاڻان اکين جو راز ۽ ناز!

آسمان آهہ حد نگاهن جي
دوُر آن کان خيال جو پرواز!

نيٺ ٻوٽيل ۽ مڌهن ٿي مات مڙهيل
شيام ڪڏهن سان نہ آهہ راز و نياز!

٥٩

اک، نه تارن ۾ اُڏي، سج ڏي نهاري نه سگهيس
توکي اي چنڊ، ڏسي پاڻ سنڀاري نه سگهيس!

ڏينهن جي شور ۾ يا رات جي خاموشيءَ ۾
جي وسارڻ ٿي گهريم توکي وساري نه سگهيس!

مان کلي ڪين سگهيس ڌيان اچڻ سان تنهنجي
ڳالهه دنيا جي ڳجهي لڙڪ به هاري نه سگهيس!

چاندني رات ۾ پڻ رات جي راڻي مهڪي
دل نه ٽڪي، تنهن مان پر توکي اُتاري نه سگهيس!

ذهن مان نقش پراڻا نه مٽيا سڀ، ليڪن
دل ۾ ڪي آهه اهڙا جيڪو وساري نه سگهيس!

ٽڪندو ٿي نه رهيس شهر جي ويرانيءَ ۾
ڪنهن کي تنهائي جو احساس ڏياري نه سگهيس!

٦٠

لُـو لڳ ڳوليم پٽي آڪاس
ڳُڻ مان آيو ٺهڪندو واس !

ڪيڏو پيارو هڪ هڪ سواس
سواس ۾ آهي ڪهڪندڙ واس ؟

شعر ته آهي ڳُڻ جي ذات
ميٺي روح کي آئي راس!

رات سڄيڪا ليٽڻ ملول
ننڊ اُچاٽ، نگاهه نراس!

گهر گهر لڳي پر گڏجڻ لاءِ
مجبوريءَ جو هٿن احساس!

مبهم آهٽ، ڪاري رات
دل ۾ نامعلوم هراس!

شيام وهائڻ جان مرڪي
ڪاري رات جو رمز شناس!

٦١

هُو پري کان آهٽ جو احساس
ڪنهن جي لءِ آءُ پاتو جو احساس!

ٿڌ ۾ لغزش ڀريل نگاهن جي
هڪ اُٿيل گهري چاهه جو احساس!

ڪو هليو چنڊ ڏي فضا چيري
دل ۾ ڌڙڪيءَ جي گهاءُ جو احساس!

منهنجي ڀر ۾ نه هئو نه ڪوئي ٻي
پوءِ به ڪنهن جي ڇُهاءُ جو احساس!

ٻار ڪي ڪنهن جي هنج مان وٺندي
ڇا نه دلڪش هڳاءُ جو احساس!

شيام منهنجي ٿي پيار پاتي، ٿيو
زندگيءَ سان لڳاءُ جو احساس!

٦٤

چارڻ! سورت لاهي راڳ،
راڳ لنيو سورت جو سهاڳ!

روح جي راحت لاءِ نه آهه،
جيءَ جُهرڻ هن جڳ جو راڳ!

ڪيڏا ٻيڙا ٽِي ويا غرق
سمنڊ ڪِلي ۽ ڳاڙهي جهاڳ!

رونيءَ لاءِ چتا جي آڳ
چمڪيو ڀيٽ ڀُرڻ جو ڀاڳ!

صبح سفر ۽ شام جي اون
"روشن راهون ۽ ٿڌڙو ماڳ!"

٦٣

سنگ نہ ساڙيو اُن سان لاڳا،
ھاڻي راڳن ۾ ٿيو ويراڳ!

ڪنھن گل جي رنگين مراد
ٻوٽت جي ٻيڙن تي ٻراڳ!

ھيٺن پنھي ساٿ ڇنھن ۾ جيئن
اِن دنيا جيو کھڙو نياڳ؟

دک ۾ سِڪ جون ڪنڊيون چڏ
جھڙون آھي سمنڊ اُجھاڳ!

دل ۾ دوڙھون چا تہ ڏکيون
ليٽن ورنو جٺن ويراڳ!

مرڪي ڪنھن ڪڙڪي ڪولي
شيام ڪليو اڄ ڪنھن جو ڀاڳ؟

ڏيري ڏمر ڪڻ ڏيري هل
موهن جو هي، شيش محل!

ڏڪو ڏڪو سراپا سوز
هر هڪ سورج منڊل!

هلڪو هاڻي نه ڪلهه ۽ نه هئو
اڄ نه پيرايو آ پوڄهل!

ساڳيو سر ۽ ڪاري رات
پيناڪ ٿئي ۽ اڀي ڪنول!!

حسن نظر جي جالو هئي
پاڻو عمل ۽ ڏيٺهن تستل!

لهر لهر ۽ لهر آئي
هاڻ نه هڪ طوفان آچهل!

دنيا ڪيڏي وڏي آهه
پٽ لي پاڻ نه چت نڪتل!

رات جو راهي اڪيلو آهه
جل جل او مشعل ۽ جل جل!

شيام حيات جي حسن متان
آهه ازل ڪان چڙيو اجل!

٦٥

آهه ظاهر ڪي گلستان ۾
۽ اصل آهه ڪي ويران ۾!

قافلو باغن جون حدون اورانگهي
ڦول مهڪائي بيابان ۾!

نيل گنبد ۾ فقط رنگ ۽ نور
ڪجهه گهٽو بحر جي تهخان ۾!

هي اُڏڻ پنهنجي جون هوُ پنهنجي
فرق ڏاهن ۾ نه ديوان ۾!

پنکڙيون وييون ڇڻي هڪ هڪ ٿي
گل نه رهندا وڃي افسان ۾!

اُمن ساحل جو نه اڪ ۾ نه هو
شيام ڪو حسن هو طوفان ۾!

٦٦

اسان جا پير اوندهه ۾ اسان جي روشني ڏيئي ۾
گذاريون شمع وانگر ٿا جلائي پاڻ کي جيئڻ ۾!

لڳي ڏُن صبح جي اهڙي ڏٺوسين پڻ نہ تارن ڏي
کٽيسين رات اوندهه ۾ مگر آيو نہ سج اڀرڻ ۾!

گلي ڪنهن کي لڳايان ۽ چمي چيهون ڪريان ڪنهن کي
جگر منهنجي جو رت آهي پيل هر گل جي رڱڻ ۾!

هتيلي دل جي ڪارڻ ٿي متو هنگامو دنيا جو
فقط هيءَ دل ٿئي راضي نہ ٿيندو امن هن جڳ ۾!

وٺي دل ذوق خود بينيءَ جي منزل کان اڳيان لڪري
نہ هرگز پيد ڪو ليڻن رکيو همراهہ ۽ تڳڻ ۾!

ڏ، تنهنجو شڪر جي آهي شڪايت پي تہ ڪا ناهي
ڏٺم چيڪي ۽ وينس سو قرائي تنهنجي مارڻ ۾!

اها ٿي تنهنجي محفل لوڪ ۽ پرلوڪ منهنجي لءِ
اٿي آهيان، اٿي هوندس، هئس پڪ مان اٿي اڳ ۾!

آهي نگاهون آهي ادائون
آهي اشارا اچا به آهن،
مُنهنجي محبّت جا زندگيءَ لاءِ
سڀ سهارا اچا به آهن!

دلين ۾ ليٽڻ ۾ پيهه لوڙا
نوان نظارا اچا به آهن،
اونداهيءَ آهي نه رات غم جي
ڪڙيل ستارا اچا به آهن!

ڳهليون غمن جون هوائون جنّ تي
ٽڙي پيون ڪي دلين جون مُکڙيون،
خزان جي موسم نه آهي، ليڪن
ڪي گل پيارا اچا به آهن!

ڪٿي نه ڪنهن پي ڪٽيءَ جي روشن
اونداهي رهندي نه رات، ساٿي،
هوا جي جهوڪن ڏيا وسايا
نه چنڊ تارا اچا به آهن!

وطن ڇڏڻ وقت لاءِ تي سمجهه
ڪندو نه ڀلجي ڪو ياد، ليڪن
اياز، احسان، راز پيارا
ڪي قرب وارا اچا به آهن!

(١٩٥٩)

شيخ مبارڪ اياز، مرحوم احسان احمد بدوي،
مرحوم شيخ عبدالرّزاق راز.

ٻڌل دل کي ٻڻ ليٽ ٽاري ڇڏيو سين
لڙهيل کي لڳائي ڪناري ڇڏيو سين!

ڪنارو ڪيو سين ٿي لهرن کان، ليڪن
ڪنارو سمنڊ ٿي سهاري ڇڏيو سين!

جلي ٻاڻ ڏنها ٻه، ڳل ٽيندي ٽيندي
”هزارن چراغن کي ٻاري ڇڏيو سين!“

لڳائي هيئي چٽڪ هڪ جهاءِ اُهيءَ مان
هزارن چراغن کي ٻاري ڇڏيو سين!

هٽاسين نه شعلا مگر ضبط ڏاري
گلن ساڻ گلشن سنواري ڇڏيو سين!

تصوّر سان تنهنجي ته جو جام ڇمڪيو
ڇپن ٽائين آڻي ٻه هاري ڇڏيو سين!

ڪڏهن ياد تنهنجي ڪڏهن ذڪر تنهنجو
الاءِ وقت ڪئن ڪئن گذاري ڇڏيو سين!

٦٩

آئين ڪيڪاريءَ ڏاڍي پر ڇو تہ مان
گفتگو تو سان ڪريان، توکي ڏسان ؟

شعر پڙهي سوچيم جڏهن در مان گهڙيئين
ڪي ٻڌيو يا ٻڌي ٻگڙيو ڪنهن چوان ؟

پيري پيري سان جڏهن توکي ڏنم
ڪي ڪٿل ڀانيو مون پنهنجو پاڻ مان !

ننڊ مان هر صبح جو اٿندي، پرين،
شام ليٽڻ ۾ رهي هڪ خواب جان !

ليڪ لڙڪن سان چمڪائي ويون
جي خوشيءَ جون ساعتون گهاريون اسان !

٧٠

ڦرڻ رنگ ٻوٽا ملڻ ٻوٽيءَ گل سان
رهان هوند رولاڪ ٻڻجي صبا جان!

هوائون ٿي لڳنديون مگر شيام ڏسجنءِ
مٿان ماڪ ڇاڪي ڪنول جي گلن ٽان!

چوڻ ٿو ته آءُ ماڻ نٿو آهه ٽارو،
لڳي ٿو ته ڳوڙهو ڳڙيو ڪنهن جي اک مان!

زماني جا آهن ستايل سڀيئي،
ٻڌي حال ٻڌندين سڄڻ! ڪنهن ڪان ڪنهن ڪان؟

زمانو اسانکي مِٽائي نه سگهندو
مليو آهه خود ڪيس نالو اسان کان!

ڏسيان ٿو ڪي اڄ پنهنجون ڳالهيون ٿو جيڪي
سڀاڻي اُهي ٿي پون ڪي ٿون ڏسجان!

سڄڻ شيام ڪي پنهنجو همراهه ڀانيو
هيو چنڊ جو گڏ هليو پئي سڄڻ سان!

٧١

اسين سوز ۽ ساز جو روپ ڌاريون
جلي دل مگر ٺڌ مٺڙي ٺهواريون !

ٻڌئين ٿون ته خود زندگي ٿي اسان جي
مگر زندگيءَ کي اسان ٿي سنواريون !

لڳائي هيئن هڪ لڳا چٽڪ دل ۾،
ٽيون، پيون ٽيمنديون جُڳان جُڳ ڏياريون!

وڏي رات آهي ٻري صبح آهي
ته ڪا شمع ٻاريون ڪوئي ڪاچ ساريون !

اچن لاهيون چاڙهيون مگر ماڪ ٻڌجي
ڪڏهن گل ڪڏهن سج جي ٻاڪر ۾ گهاريون!

وهائُون ٽڪيان، ٻاڪ ڏي يا ٻهاريان؟
اجل کي سڏيان، زندگيءَ کي پڪاريان؟

گناهن ڀريو ٿي مگر ديوتا آهه،
ڌڪاريان مان ڪئن آدميءَ کي ڌڪاريان؟

ٻڌڻ ٿي نصيبن ۾ آهي لکيل جي
نه ”طوفان، طوفان“ ڇا لاءِ پڪاريان؟

جهنّم ۾ جالبي نه جنّت ٿو جوڙيان
خياليءَ ٿان جيءَ جيءَ ڪري جان واريان!

ٻرن ! پيار ٺهڪجو ؛ وهنوار جڳ جو
سنڀاريو سنڀاريان، وساريو وساريان!

اندارو هيو انڪري شمع ٻاريم
اجهو صبح ٿيو، ڇا اجا ٻي نه ٺاريان؟

جي ڪٽي پنهنجو همت مون وڌايو پرين !
ڇو نہ پنهنجو پلؤ تو ڇڏايو پرين ؟

هيٺ نظرون ڪري مسڪرائي اِٿين
حوصلو دل جو تو ٿي وڌايو پرين !

چاهہ منهنجن اکين مان بکيو پئي ، مگر
ڇوڙ نہ تنهنجن اکين کي لڪايو پرين !

روح ٿارن جو مستيءَ ۾ جهومڻ لڳو
جڏن ڪٽي ليڪ تو مسڪرايو پرين !

رات ڳالهين ڪندي چنڊ آڏيءَ لڙيو
دل کي ڪيڏو نہ وهمن ورايو پرين !

لڙڪ آيا قضا جي اکين ۾ ڀري
مرڪندي تو جڏهن موڪلايو پرين !

هي ٻرڙيون هوائون هي ڪاريون گھٽائون
اِئين ٿي جو آيون سنيهو ڪي اتائون !

لمّا جا جھوناڪا غمن جون گھٽائون
هي ٿڏڙيون هوائون جھڙاليون فضائون !

ڪٿي ڳالھہ منھنجي نہ هڪدم مڃائون
مگر هيٺ پيي ڪا نہ ڪڏهين ڪيائون !

سوالن جو هڪ سلسلو هئي حياتي
ڪٿي اڪہ ڏنائون سڀئي حل ڪيائون !

ڪڏهن ڪٿن ڪڏهن ڪٿن ٻرڻ! پيار تنھنجو
گھٽن ۽ وڌن چنڊ جون جٿن ڪلائون !

رُٺو حسن خود عشق سان ، پوءِ ڇالڪان
ادائون نياپا نگاهون پچائون ؟

٧٥

زندگي ٿي جي دوست! سوچيندين
ڪڏهہ نہ ڪڏهہ پڪ اداس ٿي ٿيندين!

سج لٿي روئي تو ٻُڌايو پاڻ،
خشڪ اکڙين ۾ راهہ ڪاٽيندين ؟

ٿيءُ نہ پنهنجن کان بدگمانُ ائين
مفت غيرن اڳيان ڏنو ٿيندين!

حال منهنجو نہ جي ٻڌين تہ چڱو
گونگو روئي تون جيءَ جهوريندين!

چانڊجي چانڊجي گهٽا ٿي گهٽا،
ڪئن ڪنوڻ کي ڪلڻ کان روڪيندين؟

ٽاڪئون ڏاڍو دل جو سنّاٽو
شيامؔ اُف ڀي ڪندين تہ ٽوڙيندين!

ايڏن وانگر چنڊهل جوڀن
ليڪ ٻڏيا جوڀن جو درپن!

جيون - پيڙا ڀوڳي ڀوڳي
هوش ۾ آئي سرت اڇيتن!

چمڪي چٽڪ ۽ سُرهو دُولهون
سوز ڀري دل آرلي چندن!

چنڊ کڙيل، ڪي ڪرڻون آپ ۾
ڪهڙي سوچ ۾ شاعر جو من؟

شيام، اماس ۾ آهه ڏياري
اوسيڙي جو ديپ جي روشن!

اُجلي ليٽن جي ڪارڻ
نيڻ جي گهرا ليڏهن لياڻ !

ٽڙندي ٻن ٻن ٽي ٽويا ڦول
سُرها سُرها جن جا پراڻ !

سنڌانو ۽ هٿ هٿ آگ ،
جيون ، آڏيءَ رات مساڻ !

خون ۾ ڪفنايل هي لاش
مذهب ۾ دفنائڻ ڪاڻ !

اهڙو آهه اسان جو ٻڌ
رهزن رهبر ٿـي ٿيا ساڻ !

اُٺيوُ ليو ٽي هلندن ڪيٽن
جڳ ۾ ٻڌجي راهه سڃاڻ !

ڪو نہ جڻ جو ڏانءُ ڏسي
ماڻ حياتي ٻڌجو ٻاڻ !

٧٨،

شيام ٻون ڪنھن آئي ھرڪو ڇو ھاريو
ھوند ڪويل نہ ھيئن ڪونجاريو!

ھيڪلائي ۽ چاندني چپ چاپ
ڪجھ تہ پئي ڪائنات ويچاريو!

چانڊ رابيل جي ٻکي خوشبوءِ
چنڊ اڄ ڪنھن کي پاسندو ڏاريو؟

سونھن ڪيڏي نہ اڄ ڪيڏي سرھاڻ
ھڪ نظر ۾ ٿي جيءَ ھبڪاريو!

چنڊ چوڏس جو ۽ شگفتہ گلاب
رات جيڪر ٻون ڪنھن کي ڏيکاريو!

٧٩

پرين! اکين ۾ پڻ سوُن لوڪي ڦڪاريو
ڪٿي اک نه تو خواب ۾ پڻ نهاريو!

ڪرن لڙڪ جهڙن جهڙن، ٻکي ڏرو ڏرو
سڄڻ، تنهنجي غم زندگيءَ کي اجاريو!

ڏٺي رات کي موتي لڙڪن ۾ ساري
ڪلي ڪنهن نمولي اسان ڏينهن گهاريو!

اکين ڪان لڪي دل ۾ پاتي لياڪو
ستل زندگيءَ کي اچي ڪنهن اُٿاريو؟

چمن مان لنگهڻ وقت پاڻيان اٿين پيو
گلن جي وڻي اوٽ ڪنهن پٺي نهاريو!

نه ڪنهن ٻئي نمولي لتائي سگهين ها
ڪلي ڳالهه ڪني شيام تو ڪئن نه ٽاريو!

لنگهي مون وٽان پوءِ مڙي ٿو نهاريو
پنهنجي ياد ڪي يا هيئن ڪي وساريو!

ڇني وٽ ڇني وٽ ڪو رابيل هڪڙو
مولڪي چنڊ ور ور ڪري پئي ڏٺاريو!

هيئن صبح جو وار ونڙيل اٿين ٿي
گهڻو شام جو ڪين پئي تو لساريو!

ڪلي هڪ ٽڙي، راس هڪڙي وهاڻي
معلوم ٿيو ماڪ هڻن هاڻ هاريو!

خوشيءَ جي دل ۾ وڃون ڇٽڪ لرزيون
آئي شيام اڄ رات ڪنهن پئي پڪاريو!

٨١

حسين دام ۾ ڪير ڦٿو جو نہ آيو
ڦٿو پاڻ کي مون لئہ پاڻهي ڇڏايو!

ڏسي مون کي دنيا ڪُڇو ڪِين، ليڪن
ستارن ٻڌي اک، گلن مسڪرايو!

عجب ڍنگ آهن اوهان جي ڏسڻ جا
نہ ڌاريا لڳو ۽ نہ پنهنجا لڳايو!

اهي گل آهين ٿي ڇٽي هيمت ڪرندا
اکيون ڇو جهڪايو، ڇو دل کي سڪايو؟

صراحيءَ ۾ ساقيءَ جي آهي اڃا پي
پيالو رکي ڇو هٿان وجهہ وڃايو؟

غزل ساڻ نباهڻ وڏي ڳالهہ آهي
تخلص ۾ چاهي نہ آيو نہ آيو!

چنڊ ٻيج جو سنهڙو سنهڙو
ساڪي آهه ٺهائي پڪ جو!

منهنجا آنسون ڏيپ نه، ناهن
ڏک، ڪان من ۾ نه آهه، اونداهو!

ٽون ٽِپي ڪر ڪاسج جي سُس پُس
نعرو ڪو منصور ۾ هڻندو!

نانءُ جهڙو هئو ڇا ان جو ٽي
اوسيڙو هئو ۽ اڀ ڪو هئو؟

منهنجي ياد هئي اڻبن دل ۾
گويا رڻ ۾ سج جو ٽڙڪو!

چمڪيا چمڪيا ٻيڙا ڪنهن جا
ليٽ سفر ٽيو سوڪو سوڪو!

هاڻ ڪڪيءَ هاڻي نه مهاڻي
سڳ، سمي جو سُرهو سُرهو!

رخ تنهنجو اُٿن ٻي رخيءَ جو نه نهاريو
پاڻ کي پاڻ کان لڪان ڏاريو!

نه ٿئي ٻولي ڪُٺم ويچارو
چئو پڪارڻ تنهنجو ڪنهن سيکاريو؟

منهن منجهان اُٿن نه ٿي لڳا پڙهندڙا
وهي پير ۾ ٻس تجن نه ڪيڪاريو!

مون تني هڪ کي فقط اُڪاريندين
مون کي ٻوڙي تنهنجو ناڪُتاءِ ماريو!

موت جي آرسي رکي سامهون
زندگيءَ جا تنهن پاڻُ سينگاريو!

تو هلي شيام هن ته آڻيو جام
شمع هڪ ٻي نه وامن لي ٻاريو!

گل جي رنگ ٿي دل ھوڪي جو مون گل ڏانھن نهاريو
جيڪس اکيون نہ کڻان ها، جي نہ سندس سرهاڻ ڌاريو!

ڪنھن سان لڳين سياڻپ تي، مون مرڪي ھٿ وڌايو
ساڳئي ناليءَ سان وابسته يادن پئي ڪيڪاريو!

پياس نہ مٽندي پوءِ بہ جنهن جي لاءِ پيئڻو ٿي پوندو
چو ٿا هاريو؟ پاڻ کي چو ٿا اڄ وڪهي هٿن ماريو؟

باک ڦٽيءَ جي لاءِ دعائون گهرندي رات گذاريو
وِندو اوندهہ کي نہ پٽڻ مان شمع اُٿي ڪا باريو!

ڪوٺي ڏيهہ، فقط ساڙيهہ، اس پير پرڏيهہ، پر آهي
سيني ڪاڻ نہ پنهنجو ناهي ڪنھن ڪنھن لاءِ نہ ڌاريو!

واري واري چوڌاري، واري چوڌاري واري
رڻ اُتو ڪنھن ٻوڙي ڦان ٿي پاڻيءَ لاءِ پڪاريو!

سنّاٽو ٿي سنّاٽو ڪو ڪولہ سگهي ڳالهائي
چرڪ پريو سنّاٽي، جنهن ٿي باغيءَ ڪنھن للڪاريو!

خزان حال دل جو گلن کي ٻڌايو
ٻڌي، مرڪي تن غم نه پنهنجو لڪايو!

اسان لڙڪ لاڙيا جي ويهي ڪنڌيءَ تي
نه وچ سير ۾ پڻ اسان مسڪرايو!

انهن جي مٽي مرڪ مان آهه ظاهر
نه شبنم گلن کي نه آهي اپايو!

اگر زندگيءَ جي شڪايت ڪيم ڪا
پرين، اک ملائي تو چاليءَ لڳايو!

لٿو سج وڌيو شيام جڏن جڏن اندارو
ڏٺي ڪنهن هتان ڪنهن هتان ٽمٽمايو!

دل کي ڪنهن جو پيار مليو
سونهن ڀرپور سنسار مليو!

جنم مرڻ اڪ پٽ اڪ پوُر
وچ ۾ ڪوڙ وستار مليو!

سوُرن ساڻ ٻرهاڻ ڪندي
راحت جو ڏس پار مليو!

جيءُ ڪئو ڇڏيو دنيا مٿان
ڪنهن ڪان اڏو پيار مليو!

لهرين لڙهندي عمر ڪٽي
آر نه ڪوئي پار مليو!

راهه تڪيندي تارن جي
صرف سُنُهري غبار مليو!

جنهن جو نالو شيام هياسن
تنهن ۾ دم نه قرار مليو!

٨٧

حسن کي ضد نہ هجو حجاب نہ هجو
پر اکين کي ڏسڻ جو تاب نہ هجو!

غنچي غنچي زبان کولي، پر
ٻڌندي چپ جو نہ کو جواب نہ هجو!

هجي رنگت جوان جسم جي سا
موتئي ۽ مليل گلاب نہ هجو!

مون چڙهيو ٿي رهيو، اکيون نہ کليون،
صبح جي هير هجي شراب نہ هجو!

شيام تاريلي رات جو منظر
پاڳ، هجو پاڳ جو حساب نہ هجو!

٨٨

صرف وچ سير ڏاڍهن مائل جو
ڪٿن ڏسي سو پيارو ساحل جو؟

ٻس جي ڦيٿن تي ٿي حيات ٿري
ڪوٺي آهي نه موڙ منزل جو؟

لهرون ساحل طرف نه ڪن ڇو ٿيون
ڇا اٿن ڪو ضرور ساحل جو؟

راهون واهون گهٽيون ٿي پونديون
پـــر هجي اعتبـار منزل جـو!

پنهنجي ٻيڙي مٿان ڪوني ٻوڙي
ٿهري ڪن آهه فڪر ساحل جو!

هٿي دنيا اگـــرچـه پـس منظر
نقش اڀريو نه پر مٿس دل جو!

رات ڍلي جي، شيام ننڊ ڦٽل
چنڊ جي چانڊني، دونهون ٻل جو!

٨٩

اڄ لـــه ابتداءَ کڏهن رسايو
رنگ و بو پڻ نه دل کي لُيايو!

حال گلشن جو ڇا لاءِ پڇو ٿا،
وات غنچن جو ڇو؛ ٿـا پٽايو؟

ڪنهن پٺيان ليلي اولده مرڀاريَ
ڇرڪ پنهنجيءَ ني ٻاڇي ڀرايو!

ڪيڏو آڪاس، ڪيڏا نه تارا
راحت لاءِ دل کي ايڏو سڪايو!

مڙڪ تنهنجي فقط مرڪ لـاهي
ڄهي اکين ۾ ڪٿان تاب آيو؟

وڄ جيان هستي اچندي نه هوندي
سڪ سمهڻ لاءِ به هٿو شيام جايو!

٩٠

هل جذ ٻاٽ جي ڦهڻ ۾ وهندو
جو وڪندو سو ٿي ٻڏندو!

دنيا پنهنجي غم ۾ غرق،
اڄ اڄ پيڇو ڪير ڪندو؟

ڪنهن منجهه ٽڙيو گل آهه
ڏسندو ٻوڙ سڪي مرندو!

جنهن ۾ تارن جي جهرمر
تنهن کي اونده ڪو چوندو؟

تارا ۽ جهيڻا، ديپ ڦڪا،
اي دل، چاڙهه ٿيو سُجهندو!

ڪنهن جا پيرا؟ ڪس کهڙو؟
ڪنهن کي سپني ۾ ليندو؟

٩١

ڪن ۾ وهائڻ جو هيءَ جلوو،
اي اِڪڙ، رات سڄي اوجاڳو!

چڱي، نه چُري ۽ سرڪيو آنچل
اهڙو ڪهڙي هوا جو جهولڪو؟

ننڍڙي مرڪ سرءَ جي ساڃهي
تاريلي سڪ ساڻس جو پڙلو!

وچ ۾ جسمن جون ديوارون
ڪيئن ٿئي دل سان دل جو رشتو؟

اچي اچي پئي لهر لهر آئي
ساحل ساڳيو آهي اڪيلو!

رڪڙ جو پڙ، سڙهل اڌ ڪائي
رهندو رابت رهيو ڪو هوندو!

پوئين پهر جي تنهائيءَ ۾
سڏ سان شيام پريو ڪنهن سڏڪو؟

متان شيام نوڙين نگاهن جو ناتو
اچا پيار پاتو نه دل ليڪهن لاتو!

ڪٽي چاهه ڳولا ۾ اڪٽي نه ٻاهر
چمن ۾ وري پير خوشبو نه پاتو!

هليا سين نه گڏ پٽي مگر اڄڪين جان
هلت مان نه واقف ڪري ڪنهن نه چاتو!

اڳيئين نه لائي ليلا ملڻ ناهه ممڪن
چڙهيسر سان هاٿي لٽون جوڙ ناتو!

هتن ۾ جهلي هٿ نهار پٽيا اکين ۾
ڪڏهو پرم مدهجو مون وساهه پاتو!

ٻڌي مدهجون ڳالهيون اکيون پرجي آيون
غزل مدهجو مدهجي اکيان ڪنهن ٽي ڳاتو؟

جيون پورو موت ٻيو پورو
هيءُ اڌورو هوءُ ٻيو اڌورو!

سچ ”آهي“ جو چاڙهو آهي
”هئڻ“ ۽ ”هوندو“ وهم نسورو!

اوندهه وچ ۽ روچ ڪاپوءِ اوندهه
جنهن ۾ ڏٺو ڪي، سو اڻپورو!

هيڏو آپ ۽ هيڏا تارا،
رات جو عرصو پورو سورو!

ڏونهون سرهو، هلڪي گرمي
درد جي ڏوٽي چندن چورو!

ور ور سونهن - لياڪا پالا
پيار نه هٿو ڪنهن پورو پورو!

شيام، عميق، وسيع هجي پي
سمجهه لڳي جو وقت سمورو؟

۹۴

بهار ۾ بہ ڪڏهن دلڪشي نہ هوندي آهہ
گلن جي هوندي بہ ڪا تازگي نہ هوندي آهہ!

ڪڏهن حيات ۾ اهڙيون بہ ٿيون اچن راتيون
ٻرن چراغ پيا روشني اسہ هوندي آهہ!

ڪڏهن ڪڏهن تہ محبت ۾ ائين بہ ٿيو آهي
عناي مٺن سان بہ دل ۾ خوشي نہ هوندي آهہ!

نہ اون ڪنهن جي اچڻ جي نہ غم گذاري جو
ٽڏهن بہ راحت سچي لبد ٿي نہ هوندي آهہ!

اکين مان لڙڪ وهن ڇـو الائي هاڻءُ ٻُڏي
اگرچہ اهڙي تہ ڪا ڳالهہ ٻي نہ هوندي آهہ!

٩٥

ڪجهہ جاڳ جو ڪجهہ ننڊ جو ليٽڻ ٿي اثر آهہ
اوسيڙي پري رات سڄي عين سحر آهہ!

وچ سير ۾ وهندي ٿي رهي ناءُ اسان جي
ڪنهن ڪُن ۾ نہ ٻيڙي نہ مليو ڪيس ڪپر آهہ!

وِڄ وڪڻ ڪري چمڪات ۾ ٻجليءَ جي هليو هل
برسات ٻري رات، اڳيان لنبو سفر آهہ!

پنڌڪ جي اها راهہ، وَسڻ جي بہ اها راهہ،
دنيا ٿا سڏيون جنهن کي عجب راهگذر آهہ!

تدبير جو پنڌڪاءُ ڪ تقدير جي گردش
ٿر ٿاڻہ هتي شيام نہ، ٿيو ڪوٺي بشر آهہ!

بي صدا پازيب جي جهنڪار آهه
تيز ڪيڏي وقت جي رفتار آهه!

ان کي سُلجهائيندي ويئي سڀ ڄمار
زندگي ڪيڏي نه گهنڊيدار آهه!

هن ٺهي پئي اڪ ملائي ڪينڪي
اي ضدي دل، جيت پڻ تي هار آهه!

منهنجي دنيا منهنجي آهي پوءِ پڻ
تنهنجي دنيا کان نه هرگز ڌار آهه!

هجر جو غم ۽ سڀ ڏوراپو ٿي ياد
ان طرح اچ آئي تنهنجي سار آهه!

سوهڻ تنهنجي سُر ملائڻ جڙ ستار
منتظر مضراب لءِ هر تار آهه!

سارَ جهان رنگن ۽ ريکائن ۾ شيام
ڪنهن شگفته روح جي هڪار آهه!

ڪولهه ڪنارن تي ويساهه.
پائيندو پيي آ درياهه!

هر هر هٿن اُپي ڏاڍهن نگاهه
هاءِ، مٺيءَ دل جو ويساهه!

مون وٽ نه نه تارا نه چراغ
ٻُسٽو آهي راتو واهه!

رنگ رتي سرهاڻ مٿان
حرص ڀري ڳُنڊار سياهه!

پوپٽ جا پر ٽوڙيئه ڪيئن
ايڏو ڇو رنگين گناهه؟

رات جي راڻي، ڪاري رات
هت هت خوشبوءِ يا افواهه؟

ڳائجي اڄ موهن جو دڙو
ڪالهه، تي ڌڪ تهذيب تباهه!

وسريا ڏينهن وسيا ها مينهن
هاڻ نه اٿلي ڪو درياهه؟

آس ۾ لُڪ ۾ پنڌ سهي
واٽ تي آهه جهجهي وڙاهه!

لڙڪن ۾ ٽي پيهي شيام
پاڻي سگهندين دل جو ٿاهه!

نگاهن، ادائن، اشارن جي ٻولي
لکين آهه لت نازبوارن جي ٻولي!

نه سمجهي سگهيو حسن ڌاران ٻيو ڪو
تمنا ڀري نيڻن وارن جي ٻولي!

مٺي آهه ڪوئل جي ڪوُ ڪوُ مٺي آهه
مٺي آهه سڀ کان بيقرارن جي ٻولي!

لکيل ڇا نه ليلا جي ورقن تي آهي
پڙهي ڀي ڪوئي داغدارن جي ٻولي!

مٺيءَ جي نه ڏکن جو ٿيءُ حال محرم
ڏکي ناهه سمجهڻ ستارن جي ٻولي!

خزان حال اوري نه ڪنهن ساڻ اوري
سڀئي سگهيا جي بهارن جي ٻولي!

الا، ائين نه ٿئي جو ڪتابن ۾ پڙهجي
نه هجي سنڌ ۾ سنڌ وارن جي ٻولي!

٩٩

مرڪ راحت کي جنهن ڏاڍي هوندي
درڪ ۾ دل سندس پڻي هوندي

پيار دل ۾ نه سوتهن دنيا ۾
شمع هوندي نه روشني هوندي!

ڇا فقط ٿورو آهه ڏرڪي کي
چنڊ کي صرف چانڊاڻي هوندي؟

غم نه غم ۾ خوشي نه هيڪاندي
حد انهيءَ کان ٻاهري دل ٻڌي هوندي!

سوال ڪنهن جو شيام اڪيل آهي
پيار جي ننڊ ڪنهن ڇڏي هوندي!

١٠٠

ڪڏهن اڳ ۾ نه ڏيکاري هئي تو بيوسي اهڙي
ٿيو محسوس شايد پاڻ ۾ ئي ڪا ڪمي اهڙي!

چپن تي مرڪ دل ۾ غم، ۽ دل سڙهي اکيون آليون،
ڪڏهن غم اڻ سهڻو ٿئي، ڪڏهن ماڻيءَ خوشي اهڙي؟

خوشي پنهنجي ۽ پنهنجي دل مٿان هڪ بار مون پاتي
ڏکاري شڪل دنيا جي ڪڏهن مون جو ڏٺي اهڙي؛

ڪريٰ قربان ڇڏجي هوءِ جنهن لاءِ زندگي ساري
اچي ٿي زندگيءَ ۾ پاڻ سان ڪا ڪا گهڙي اهڙي!

هجي جا ڪاڻ خوبين جي، ۽ خامين کان بنهه آجي
نه پنهنجي زندگي اهڙي نه پنهنجي شاعري اهڙي!

پنهنجو پنهنجو سور سڀن کي
هر ڪو پنهنجو سور سڻائي
ڪوئي ڪنهن جي پيڙ نه ڄاڻي
جيسين پاڻ نه چوٽ نه کائي!

پنڌ نه راهي ڪن ٻر ڪوئي
گس ۾ سڀهي ڪوڏڪي ٻي لائي
چنڊ ۽ سج جي بستيءَ ۾ هٿن
اونده ڪٿان ٿي ، ڪير ٻڌائي؟

شاخ شاخ کي چٽڪ نه لڳندي
مٺ نه مچندو ٻيو ڇا ٿيندو ،
ڪيسين منهن نه پٽيندا غنچا ،
ڪيسين سگهندا آڳ دٻائي؟

پنهنجي دل ۾ ته آهي مون کي ،
ڪا حسرت پڻ ان ۾ آهي
تون ئي چؤ نه ته آخر ڪيسين
ڪوئي گيت پراوا ڳائي؟

عشق ۾ پروانن جي دل ۾
پياس ۽ آگ، پتڱ جي تن کي
پوءِ ۽ شمع جي پيمائي وقت
ڇا ڪان هرڪو ڦيرا پائي؟

آخر ڳالهه ۾ آهي ڇا، جو
جذب ٻٽي بت مات ۾ آهي
سر جي ٻينل پاٽيءَ ۾ اڄ
اڄ ته ڏسون پتر اُڇلائي!

ڪنهن هڪ خاص گهڙيءَ جي ڪارڻ
ماڻهو ڪوڙ ڏو سڏجي ماڻهو
پر ڪنهن خاص شخص جي پويان
ٻوُرو ٻگ ڏو نالو پائي!

١٠٢

مسڪرايو نہ سهي لڙڪ لڪايو نہ سهي
آب ۾ تاب غمن جو بہ وڌايو نہ سهي!

چمڪندو روپ نگر چاهہ جي چانڊوڪيءَ ۾
دل کي ڪجهہ گهاوَ سهي، چنڊ ٻڌايو نہ سهي!

پاڻ جاڳي نہ ڪوئي درد بہ دل ۾ جاڳي
درد جي ذات ماي اند ڦٽايو نہ سهي!

